# احساس ختم ٿي ويو

شاعري

عاجز عاشق تنيو

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو
عباس ڪوريجو ويب
www.abbaskorejo.com

## ارپنا

مان هي ڪتاب
’احساس ختم ٿي ويو‘
ٻن امڙين جي نانءُ ڪريان ٿو!
هڪ اُها امڙ جنهن جي ڪکِ مان
هن دنيا ۾ جنم ورتو.
۽ ٻي سنڌ ڌرتي امڙ
جنهن جي ڪکِ ۾ مرڻ پڄاڻا
هميشه ڪاڻ رهڻو آهي....




# تصورن جي ڪائنات

جڏهن فن ۽ فڪر جي ڪائنات ۾ رهندڙن جي خيالن ۽ تصورن جي پڄڻ جا پرَ پختا ٿي ويندا آهن تہ اُهي قدرت جي وسيع ڪائنات جو هر راز پروڙي وٺندا آهن ۽ هڪ آسمان ڪان پوءِ ٻيو آسمان عيان ڪندا ويندا آهن. تجربن ۽ مشاهدن جا نوان ماڳ پسائي دنيا کي حيرت جو مجسمو بڻائي ڇڏيندا آهن.

توڙي جو `عاجز عاشق تنيو' جي خيالن ۽ تصورن جي پڄڻ جا پر ايڏا پختا نہ ٿيا آهن، پر هُن جي سوچن جي اڏار ايتري سگهاري آهي جو هُو ڪائنات جي ڪيترن رازن تان پردا هٽائي حقيقت جا فطري رنگ پسائي حيرت جو ماحول جوڙيندي نظر اچي ٿو.

هُن جي غزل جو اسلوب جدت جو جرڪندڙ جسم رکي ٿو ۽ هُن جا ڪيترائي غزل، غزل جي سماج ۾ صدين ڪان رائج روايتي رديف ۽ ڪافي جي رواجن ۾ رهندي پنهنجي نئين دنيا ۽ نوان گس ڏاهيندي نظر اچن ٿا. نيم ڪلاسيڪي رنگ ۾ رچيل سندس غزل ڌڙڪندڙ دلين کي گنگنائڻ تي مجبور ڪن ٿا.

وقت جي ڪيچلي هوا کي بہ شايد اها خبر نہ هوندي تہ 25 فيبروري 1981ع جي ڪنهن پهر ۾ ڳوٺ 'لونگ تنيو'(ميهڙ) جي فضائن ۾ اک کوليندڙ LLB ۽ B.sc (Hons) جي تعليم رکندڙ عاشق علي تنيو ڪڏهن 'عاجز عاشق تنيو' جي نالي سان ادب جي آڪاش تي هڪ چمڪندڙ ستارو ٿي ابرندو ۽ ڪيترين ئي اونداهہ دلين لاءِ روشنيءَ جو سبب بڻبو....!

راشد بروهي — قنبر
MOB: 0333 7537305

## سنڌ

تصورن جي ڪائنات
راشد بروهي
مهاڳ
عقيدتن جو دريا
مشتاق بخاري

تاثر:
هُو عاجز آ، جو تہ عاشق آ
امتياز عادل سومرو
قابلِ تعريف شاعري
نشتر ناٿن شاهي
گهايل روح منجهان ڦُٽي نڪتل شاعري
گوهر ’گل‘ ڳورڙ

ليکڪ پاران:
مان جوئي آهيان سوئي آهيان
عاجز عاشق تنيو

**حمدُ**
**نعتِ**
**امڙ نالي**

## غزل

پل اندر ۾ پيار جو ڏيئو نہ ٿي،
قرب جي ڪائنات ۾ ڪوڙو نہ ٿي!

بي وفا سنسار جي تون پر نہ ٿي.
ءُ هجي تنهن ساڻ جو تنهنجو نہ ٿي.

**ڪيتري**
**خوشبوءِ ته**
**واسي وجهي!**
**سوچجي**
**گلدان آ ڏس**
**ڪيترو!**

**ڪيترا ڏونگر**
**ٻه ڏاري ٿو**
**وجهي،**
**عشق جو**
**دهمان آ ڏس**
**ڪيترو!**

ليکڪ پاران:

## مان جوئي آهيان سوئي آهيان

سچل سرمست جون اهي سٽون منهنجي شخصيت جي عڪاسي ڪن ٿيون ته: ڪوڪيئن چوي ڪوڪيئن چوي،

مان جوئي آهيان سوئي آهيان.

پنهنجي شاعريءَ ۾ لکيل صنف غزل تي ڪتاب جو مسودو تيار ڪرڻ کان پوءِ منهنجي عجيب ڪيفيت ٿي وئي. نه ڄاڻ الائجي ڇو لڳي ٿو ته اڄ منهنجو من بي پناهه اداس آهي ۽ مونکي پنهنجي اندر ۾ اداسي جا ڪکر ڦيراٽيون ڪائيندي محسوس پيا ٿين. ۽ منهنجي ساهه جي سرير کي تمام گهرو ڇيهه پيا رسائن. منهنجي من جي اداسي ان ڪاڻ نه آهي ته، مون کي تازو ڏک پلئه پيو آهي. اهڙي ڳالهه بنهه ناهي ته ڪوئي مون کي ويران رڻ ۾ تن تنها ۽ اڪيلو ڪري هليو ويو آهي. ايئن به قطع نه آهي.....!

پر جيڪا ڳالهه منهنجي من ۾ هرڪر پئي مچائي اُها اِها آهي ته مان، جيڪي پنهنجا جذبا ۽ احساس اوهان ڏانهن ڪتابي صورت ۾ اماڻي رهيو آهيان، اهي سمورا نازڪ احساس اوهان جي دربار ۾ لايائتا ۽ ساپائتا ٿيندا به الائي جي نه...!؟

چو جو مان سمجهان ٿو ته مان ڪو وڏو ڪوي نه آهيان، جنهن جون سموريون ڪويتائون اوهان جي اندر ۾ لهي وڃي ۽ ڪو پگهر پيدا ڪن.

جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي ته:

شاعري جا روح گرمائي نه ٿي،
منزلِ مقصود کي پائي نه ٿي.

پر ان جي پيٺ ۾ مان هڪ ادنيٰ شاعريءَ جي راهه تي هلندڙ مسافر آهيان.۽ اهڙو ئي هڪ نازڪ نفيس انسان آهيان، جنهن جي اندرڪوڙ ساريون پاوناٿون پلجن پيون....!

مان ته هڪ اهڙو انسان آهيان، جنهن جي نازڪ ميڻ مثل دل غم جي ٿورڙي تاوَ تي به جلدي رجي پوندي آهي. ان الميي ڏار جڏهن ڪو به غم ڏسندو آهيان پوءِ اهو غم پنهنجو هجي يا ڪٽي پرائو!؟ مون ۾ ته اهو سڀ سهڻ جو مادو ۽ سگهه ئي نه آهي هوندي ، چو جو هر حساس ماڻهو ئي سمجهي سگهي ٿو ته هڪ حساس دل ماڻهو جيڪو پٿرن جيڏو پڪو ته نه آهي...؟

ڪائنات جي سترنگي دنيا جنهن ۾ منهنجو جنم به لکيل هيو. ۽ مون هڪ اهڙي گهر ۾ جنم ورتو جتي مون کي اڄ تائين ڪوئي همثائڻ وارو نه مليو. ۽ نه ئي ڪو منهنجي ڪومل جذبن کي قلم جي نوڪ سان لکڻ کانپوءِ ادبي اتساهه ڏيڻ وارو هيو. سواءِ ڪنهن ماڻهوءَ جي!

مان پنهنجي منهن اڪيلائيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايئن سوچيندو آهيان. ته آخر مان ڪير آهيان؟ ڪيئن آهيان؟ صحيح آهيان غلط آهيان؟ مونکي ايئن ڪرڻ کپي به يا نه؟

انهن سيني سوالن جو جواب مون وٽ ڪونهي. بس ايترو سمجهان ٿو ته مان زماني جي غلط سلوڪي ۽ دوستن جي دغا بازين ۽ ٻين ماڻهن جي اڏنگن روين جو چيپاٽيل شخص آهيان ۽ تمام بيدرديءَ سان انهن جي تيرن جو نشانو بڻيل آهيان. منهنجو اندر اڄان به وڌيڪ نرم ٿي پيو آهي، ان جي مون کي سڌ نٿي پوي ته مون ۾ ڪو ڏات ۽ ڏانءُ به آهي الائجي نه....!

بس مان ته سمجهان ٿو ته مان به ڪنهن چترڪار وانگر ڪنهن سفيد ڪاغذ تي هڪ چتسالي چٽي اٿم، پوءِ ڪن جي چواڻي ته اهي احساس آهن يا لفظن جو ڪو ميڙ، ان ڪان وڌيڪ مان نه ٿو ڄاڻان. مون کي اهو پڪو پيو ٿيئم ته منهنجي هنن ڪاوشن ۽ منهنجي معصوم احساسن کي پڙهڻ جو وقت به ڪنهن وٽ آهي الائجي نه......!؟

حساس دل ماڻهو ايترو ته ضرور سوچيندو آهي ته مان جنهن کي پنهنجو حالِ دل ٻڌايان ۽ اهو منهنجي غم ڪهاڻي ٻڌي ۽ غور بجاءِ اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي ته توهان ان جو اندازو لڳايو ته ان بيحسيءَ سان منهنجي من کي ڪيتري اذيت پلئه پوندي جنهن کي ڪو ٻڌڻ وارو ئي نه رهي.

مان ادب جي اٽانگي ۽ انوکي دنيا کي ڪيئن اپنايو اهو به هڪ الڳ بيان آهي چو جو مان پنهنجي دوستن کان وڌيڪ پنهنجي ڪتابن کي ئي هميشه ترجيع ڏني آهي، جيڪي هميشه کان وٺي اڄ تائين منهنجا ساٿي رهيا آهن. جن سان گڏ رات دير تائين جاڳندو رهيو آهيان. ۽ اهي به وفادار ساٿي ٻڄي رات پر مون سان گڏ جاڳن ٿا. ۽ هميشه ساڻ رهن ٿا.

منهنجا اهي ڪتاب دنيا جي دوستن جيان دغا باز ته نه آهن...! چو ته اهي ڪتاب ئي آهن، جن هميشه مون کي همٿايو آهي. مون کي آٿتون ڏنيون آهن. ۽ جيون گذارڻ جا مونکي سمورا گس ٻڌائيندا رهيا آهن. اُهي سِڌا گس مون کي ڪڏهن دنيا جي مجيل ۽ عظيم شاعر ۽ سنڌو ديس جي پاڪ ڌرتي پٽ جي عظيم ڌرتيءَ مان جنم وٺندڙ شاعرن جي سرتاج ’شاهه عبداللطيف ڀٽائي‘ جي بيتن مان ملن ٿا ته ڪڏهن وري دادو جي پاڪ پوِتر قلندر شهباز جي شهر سيوهڻ شريف جي پرمان جنم وٺندڙ نيڪ صفت انسان ’استاد بخاري‘ جي شعرن ۾ ملن ٿا. ته ڪڏهن وري شڪارپور جي

تاريخي شهر مان جنم وٺندڙ مهان ڪوي ’شيخ اياز‘ جي شعرن مان اهي گس ملي وڃن ٿا ۽ انهن جي ٻڌايل وات تي هلندي مان منجهيل ۽ ور وراڪن وارن رستن کان بچي وڃان ٿو. اهڙي طرح وري ’عبدالغفار تبسم‘ جهڙي مني ماڻهو ۽ ’مشتاق بخاريءَ‘ جي ڏس ۾ ڏانوَ مان ملن ٿا. اهڙن ماڻهن جي لاءِ پاڻ ئي ڏات ڏٽي پٽائي سرڪار هي سٽون لکيون آهن ته:

ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي.

ادبي دنيا جا اهي دوست جن هميشه منهنجي ڪا نه ڪا رهنمائي پئي ڪئي آهي . اهي به مون کي بيپناهه عزيز آهن، انهن جون محبتون ۽ شفقتون مون کان تاحيات وسري ڪونه سگهنديون.

جيڪي موجوده دور ۾ نئين ٿهيءَ جا شاعر ۽ اديب آهن ۽ ادبي سفر ۾ادبي رسالن ۾ مون سان گڏ گڏ رهيا، شايد ڪڏهن ڪڏهن انهن کان ڪجهه نه ڪجهه سکيو به هوندو. تن ۾ زرعي يونيورسٽيءَ جي ڪاريڊور ۾ هميشه مون سان مسڪرائي ملندڙ اسد چاچڙ ،حفيظ باغي، سرواڻ چانڊيو حفيظ هالارسومرو سنڌ يونيورسٽيءَ مان محبتون ڏيندڙ ثناءُ الله عتيق چنجڻي ۽ ميهڙ جي مانواري مٽي ۾ منهنجي جنم واري ڌرتي ميهڙ جا ڪجهه اديب ۽ شاعر عادل امتياز سومرو،گوهر گل ڳوري، عاشق ڪلهوڙو، نياز تنيو اويس قرني، محبوب ڏيپر، مرحوم ناظم منگي، نوشاد (باڍهه) وفا صالح راڄپر(باڍهه) ۽خاص دوستن ساگر امتياز تنيو جنهن منهنجو وڏي ڀاءُ جي ناتي هميشه مونسان نڀايو آهي. ايوب ڪوسو راشد بروهي (قنبر) خالد تنيو(نوشهرو فيروز) انهن ادبي دوستن ۾ متاثر ڪن احساس رکندڙ دوستن جون لکڻيون ۽ ٻين سهڻي سنڌ جي هزارين تخليقڪارن جي احساسن مان مونکي هميشه پنهنجاپڻ ملي آهي.انهن مان به مون کي ڪوڙ ساري رهنمائي ملندي رهي آهي. انهن جي محبتن جي پيتا ۾ هي سٽون لکڻ پنهنجو فرض ٿو سمجهان.

مون ۾ ادبي ذوق پيدا ڪرڻ وارا به سبب آهن. هڪ اهو ته پرائمري تعليم پرائڻ دوران پنجين ڪلاس جو محبوب ٽيچر مانوارو سائين وزير علي ڪوڪر ۽ ٻيو سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جي دلفريب ماحول ۾ پنهنجا محسن رهندڙ به عظيم ماڻهو ۽ آئيڊيل شخصيتون سر مڪيش ڪمار ۽ شمس الدين تنيو صاحب جن کان زندگي گذارڻ جي طريقيڪار جو سندر ڏس مليو ۽ ٻيو نئڊيڻ ۾ والده جو انتقال جنهن مون کان پنهنجا سمورا حق کسي ورتا پنهنجون دعائون ۽ آدرش منهنجي ڪارڻ هميشه لاءِ بند ڪري ڇڏيا جو تڏهن کان مون ۾ حساسيت جي عنصر جا آثار چٽا آهن ۽ نرميءَ جي اجان به واڌ ويجهه ٿي آهي.

وري هميشه معاشري ۾ همت سان جيئڻ ۽ ڪٽي ڪٽي غم جي الم کان مونکي بچائيندڙ دوست جيڪي محسوس ڪري ويندا هئا ته هاڻي پنهنجو يار شايد ٿڪجي پيو آهي ۽ پوءِ پنهنجو پيار اربيندي ڏاڍو ويجها محسوس ٿيندا آهن.

انهن ۾ مسعود ڏهر، شفقت شاهه، مهتاب ڪوڪر، شهاب مهيسر، صابر سيد پوري، مظهر تنيو حسرت مير چنو طفيل ڳن، حسين چنجڻي، حزب الله چنجڻي، ساجد چانڊيو احمد خان چانڊيو محمد يوسف پيو علي نوناري، عنايت راهي، ذوالفقار ڪوڪر، ميهر علي پٽو(قنبر) ننڍڙو ڀاءُ جاويد تنيو جيڪو مونکي ڀاءُ گهٽ ۽ دوست وڌيڪ سُجهندو آهي. ۽ خاص دوست غلام مصطفيٰ سومرو جنهن جو هر طرح سان منهنجي لاءِ ساٿ رهيو آهي. منهنجي هن پور پور احساسن کي سهيڙيندڙ دوست امتياز عادل سومرو، راشد بروهيءَ، مشتاق بخاريءَ ۽ سعيد سومري جن جو به مان تمام ۾ تمام ٿورائتو آهيان.

مون کي اوهان پڙهندڙ جي راءِ جو انتظار رهندو.

ٿورا مڙئي ٿورا مون تي ماروئڙن جا. پٽائي

عاجز عاشق تنيو

لونگ تنيو ميهڙ

ضلع دادو

MOB: 0302 3479459

تاثر

## هو عاجز آ، چو تہ عاشق آ!

سنڌ ۾ جتي هزارين شاعر پنهنجي شاعراڻي صلاحيتن جي آڌار تي شاعري جي دنيا ۾ پنهنجي پنهنجي خيالن جي خوشبوءِ وکيريندا رهن ٿا، اتي ڪي نالا اهڙا بہ آهن جن ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ کان پوءِ دل بار بار پڙهڻ تي مجبور ڪندي آهي. اسان جي سنڌي شاعريءَ ۾ موجود ٿهي ۾ اهڙا ڪوڙ سارا نانءَ آهن، جن پنهنجي ذات ۾ ڏانوءَ جي بنياد تي پنهنجو الڳ مقام ۾ منفرد حيثيت حاصل ڪئي آهي. عاجز عاشق تنيو بہ هڪ اهڙو نوجوان ليکڪ آهي، جنهن نہ فقط سنڌي ڪهاڻي يا ترجمي جهڙي فن وسيلي بيشمار پڙهندڙ متوجه ڪيا آهن پر شاعري جي دنيا ۾ پڻ نمايان نانءُ ڪمايو آهي. عاجز عاشق جي شعري جي وڏي خوبي سندس بي ساختگي آهي. هن وٽ فن توڙي فڪر پنهنجي عروج تي رهن ٿا.

ماڻهو　هتي
گهمن　ٿا
احساس　کان
بنا،
جئيجي　ڀلا　بہ
ڪهڙو　ڪنهن
آس　کان　بنا.

هو پنهنجي منزل ڏانهن وک نہ وڌائيندڙ ماڻهن جي نشاندهي ٿو ڪري تہ اهي ڪهڙا ماڻهو ڇئبا، جيڪي آس اميد بغير زندگي گهاري رهيا آهن، جن وٽ املهہ زندگي ۾ قيمتي وقت جو قدر ۾ احساس نہ آهي! عاجز عاشق پنهنجي سنڌي سماج ۾ ٿيندڙ اٿل پٿل، ماڻهن جي روين، سندن رسمن ۾ روز مره جي زندگيءَ جو گهرائيءَ سان جائزو وٺندو رهي ٿو هو پنهنجي شاعراڻي اک سان جو ڪجهہ ڏسي ٿو ان کي پنهنجي قلم جي ڪوٺ اندر قيد بنائي رکي ٿو ڇڏي، هڪ عام ماڻهو وانگر عاجز عاشق بہ زماني جي ڌوڪن ۾ فريبن کان محفوظ ناهي رهي سگهيو، جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ ڪيس هي سٽون لکڻ جي ضرورت محسوس ئي نہ ٿئي ها.

مٿان　جن　جي
خود　کان　وڌو
ڀروسو　هو
اسان　کي　دغا
ئي　ملي　يار　تن
۾　.

عاجز عاشق تنيو پنهنجي آس پاس کان تہ بي خبر ناهي ليڪن هو ديس جي دکي انسانن جي ڏک سور کان بہ چڱي ريت واقف آهي. هن کي ڪنهن غمگين جو غم سموري سنسار جو غم محسوس ٿو ٿئي.

ڏسو ڏيهہ ورتل غمن ۾ سڄو آ،
نظر جي ڪبي ها هِتي ۾ هُتي.

عاجز عاشق تنيو سڄڻن جي ساٿ کي وڏي سگهہ تصور ٿو ڪري، هو دنيا جي غمن گوندرن جي پرواهہ نہ ڪندي دل ٻڌي پنهنجي منزل جي گس تي گامزن ٿو رهي. سڄڻن جو ساٿ هن لاءِ سنسار جي سگهہ آهي.

دل کي غم ڇا ڪندا دل تہ درياهہ آ،
ساڻ آهي سڄڻ ڪهڙي پرواهہ آ.

عاجز عاشق تنيو جي سموري شاعري پيار، پريت، پنهنجائپ، اتساهه ۽ همدردي، حوصلي ۽ سوچڻ لوچڻ کان وٺي پنهنجي مقصد سان سچائي ۽ خوبصورت زندگي سان پيار جي پرچار جو نمونو آهي. هن کي دنيا ۾ محبت جي کوٽ نظر اچي هن کي محسوس ٿو ٿئي تہ دنيا ۾ پورشديد کوٽ ٿي وئي آهي ان کري پاڻ لکي ڏنائين تہ

شاعر معاشري جا حساس فرد ٿيندا آهن. انهن تي محبتن يا نفرتن جا اثر شديد ۾ ٿيندا آهن.عاجز عاشق تنيي جون هي سٽون پڙهي سندس اندر جي ڪيفيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

غم تون ڏيون وڃي ٿو ڪهڙي حساب سان!
حالت چا منهنجي ٿيندي اهڙي عذاب سان!

عاجز عاشق تنيو هڪ شاعر آهي ان ڪري ان وٽ اٿاهه پيار ۽ بي انتها محبت سندس دل ۾ هر دم موجزن رهي ٿي هو پيار ڏئي موٽ ۾ پيار جي توقع رکي ٿو ۽ ڪيس نفرت کان نفرت آهي، ان ڪري لکي ٿو تہ:

ڪري جيڪو نفرت پيو پيار کان،

عاجز عاشق زندگي سان بي پناهہ محبت ڪرڻ لاءِ مايوس ۽ پٺتيل انسانن کي نئين جوش ۽ جذبي جي واٽ تي اچڻ جو اشارو ٿو ڪري هو مايوس ذهنن ۽ دل شڪستہ ماڻهن کي همت جو هٿ وٺرائي اڳتي وڌڻ جا سبق ٿو سيکاري.

ڏکن ۾ جيئو ۽ جيئارڻ سکو.
ڪڏهن پنهنجي همت نہ هارڻ سکو

عاجز عاشق تنيي جي شاعري ۾ لفظن جو سٽاءُ ۽ ٻوليءَ جي سادگي پڙهندڙ کي پاڻ ڏانهن ترت متوجہ ڪري ٿي وٺي. هن وٽ پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻولي جو استعمال ايترو تہ آسان آهي جو لغت جي ڏکين لڪن مان گذرڻ جي ضرورت نہ ٿي پوي.

اسان کي اميد آهي تہ اسان جي هن نوجوان شاعر جو هي ڪتاب سنڌي شاعري جي ڪتابي دنيا ۾ پنهنجي هڪ جدا جاءِ جوڙڻ سان گڏ هڪ خوبصورت اضافي جو اهڃاڻ بڻجي ويندو.

امتياز عادل سومرو

سرپرست اعليٰ

اسحاق راهي ادبي فورم ميهڙ۔ دادو

01.10.06

مهاڳ

# عقيدتن جو دريا

شاعري آهہ جو آلاپ آهي. شاعري روح جي ديس جو هڪ پکي آهي. شاعري جو پکي ڪنهن پٽڪيل مسافر وانگر منزل جي تلاش ۾ مسلسل هلندو رهي ٿو. ها، اُها منزل جنهن تي ماڻهو جڏهن تمام گهڻين مشڪلاتن کان پوءِ رسي ٿو تہ انهيءَ منزل جي سرحد تان وري ڪنهن بي منزل جا گس ۽ پيچرا پاڻ ڏانهن آواز ڏين ٿا. شاعري جي منزل ڪهڙي آهي؟ شايد ڪوبہ نٿو ڄاڻي، يا شايد مان نٿو ڄاڻان! شاعري جي ڪا منزل آهي يا ناهي!؟ ڪهڙي خبر! پا ڻ تہ شاعري جا مسافر آهيون. انهيءَ سفر ۾ اسان جو هڪ همسفر بيحد پيارو ۽ سباجهو شاعر عاجز عاشق بہ آهي. عاجز لاءِ عاشق ٿيڻ ايترو ضروري ناهي، جيترو عاشق لاءِ عاجز ٿيڻ ضروري آهي. شاعري ۽ عاشقي وارو سفر عاجزي وارو سفر آهي ۽ انهي سفر ۾ عاجز عاشق پاڻ ملهائي رهيو آهي. انهي سلسلي ۾ عاجز عاشق ادبي گلستان ۾ هن ڪتاب جو اضافو ڪري سنڌي ادب جي گلستان ۾ احساسن جي خوشبو جو اضافو ڪري رهيو آهي.

عاجز عاشق جي شاعري ۾ تقريبن اُهي سڀ ڪيفيتون موجود آهن. جن جو سڌي يا اڻ سڌي طرح تعلق زندگيءَ سان آهي. عاجز عاشق زندگيءَ جو شاعر آهي.ها, ان زندگي جو جيڪا وڪ وڪ تي هزارين درد سهي ٿي, سوين تمنائن کي جنم ڏئي ٿي, پنهنجن ۽ پراون جي روين واري زهر کي ڍُڪيتي وڃي ٿي.

اچو تہ انهن احساسن جو ذڪر عاجز عاشق جي احساسن جي آئيني ۾ جهاتي پائي ڏسون. زندگي جتي مختلف رشتن, ناتن ۽ احساسن جي توسيع سان جُڙيل رهي ٿي, اُتي زندگي مذهبي وابستگيءَ کان بہ هرگز هرگز ڪٽيل نٿي رهي, اهو ئي سبب آهي جو اڪثر ڪري شاعر مذهبي عقيدت يا لاڙي جي ڪري مذهبي شاعري ڪندي دلي سڪون محسوس ڪندا آهن.

عاجز عاشق بہ هڪ دعا خدا در گهرندي نظر اچي ٿو.

يااالاهي ڪرم ڪر تون مصطفيٰ جي واسطي,
مرتبي ۽ شان واري جي سخا جي واسطي.

نيڪ رستن جي سفر تي گامزن ٿيون اي خدا,
بس اچي ڪر تون پار ٻيڙو هن دعا جي واسطي.

هن دنيا ۽ آخرت جو دور ڪر هر هڪ عذاب,
جهول عاجز تون ڀر, حمد و ثنا جي واسطي.

عاجز رب تعاليٰ کان دعائون گهرڻ سان گڏ, رب تعاليٰ جي محبوب صلعم جن جي عظمت بيان ٿو ڪري سندس انهيءَ نعت رسول صلعم مان سندس عشقِ رسول پنهنجي پرپور جلون سان نظر اچي ٿو.

سڀني نبين کان اعليٰ عظمت رسول جي,
اهڙي تہ ڪئي آ مالڪ قسمت رسول جي.

هر شيءِ خدا هي خلقي ساري جهان ڪارڻ,
الله ڪي وٽي پر محبت رسول جي

سارو قرآن آهي مدنيءَ جي شان ۾,
ڪيڏي نہ ڪئي آ مالڪ عزت رسول جي.

عاجز عاشق جي شاعريءَ ۾ محبتن ۽ عقيدتن جو هڪ درياءُ پنهنجي پرپور جوڀن سان ڇوليون ڇلندي محسوس ٿئي ٿو. نبي صلعم جن جي محبت ۽ عقيدت کان پوءِ هڪ عظيم هستي سان عقيدت ۽ محبت جو اظهار شاعريءَ ۾ اظهاري ٿو. اها هستي جيڪڏهن نہ هجي ها تہ هوند اسان جو جنم هن ڪائنات ۾ ممڪن نہ هجي ها. ها, اها هستي امڙ جيجل آهي. جنهن جي باري ۾ عاجز جا احساس ڪجهہ هن طرح آهن.

مالڪ جي اهڙي نعمت
وسري ئي نٿي
جيجل جي هڪ بہ
محبت وسري ئي نہ ٿي.

ڪيڏو خدا ڪيو آ خود
شان ماءُ جو
اهڙي امڙ جي عظمت
وسري ئي نہ ٿي.

هر دم دعا گهري پئي
’عاجز‘ جي جان لئہ
جيجل جي چا تہ فطرت
وسري ئي نہ ٿي.

پيار هڪ اهڙو فطري جذبو آهي، جيڪو هر دل ۾ ڌڙڪن سان گڏ گڏ رهي ٿو.
پيار هوا جو اهو جهونڪو آهي، جيڪو زندگيءَ جي وڻ ۽ ان جي هر پن کي ڇهي ٿو. پيار جا اصول، پيار جا ضابطا، پيار جون تقاضائون، پيار جون ڪيفيتون پيار جي حالات، پيار جي حاصلات، پيار جي محسوسات ۽ مفهوم الڳ الڳ ماڻهن وٽ الڳ الڳ صورتن ۾ موجود هجن ٿا. مختلف وقتن تي پيار بابت عاجز عاشق وٽ پيار ۽ ان جي احساسن ۾ ليئو پائي ٿا ڏسون:

پيار نہ ڪيو ڇڻ پوڇا ڪئي ٿم،
اهڙي تنهنجي سيوا ڪئي ٿم.

تنهنجي نظرن جو نشو ناهي ڪٿي،
پيار جهڙو ڪو مزو ناهي ڪٿي.

توسان منهنجو پيار آ اهڙو پڪو
پيچ اهڙو ڪو پڪو ناهي ڪٿي.

مان ميارون توکي ڏيان ڪهڙيون ڀلا،
تو ۾ اڃ توکي لڌو ناهي ڪٿي.

جيءَ ۾ جايون ٿو ڏيئي ’عاجز تنيو‘،
جيءَ جهڙي جاءِ جو ناهي ڪٿي.

پل اندر ۾ پيار جو ڏيئو نہ ٿي،
قرب جي ڪائنات ۾ ڪوڙو نہ ٿي!

پيار جي بدلي جهان کي پيار ڏي،
پيار وارن لئہ ڪڏهن اهنجو نہ ٿي.

ڪري جيڪو نفرت پيو پيار ڪان،
بچائي خدا اهڙي دلدار ڪان.

اسان سان ٻه ڪنهن جي محبت هجي،
زماني سان پل پو بغاوت هجي.

صبح شام محبت جون ڳالهيون ڪري،
محبت ۾ اهڙي سخاوت هجي.

ڪٿون سور تنهنجي حصي جا سيئي،
مگر جان تنهنجي سلامت هجي.

عاجز عاشق جي دل ۾ ڪيترين ئي آسن ۽ اميدن جا گلاب پنهنجي خوشبوءِ ۽ محبوب جي محبت جي سرهاڻ سهاري مهڪن پيا. عاجز پنهنجي دل جي بي چيني ۽ محبوبه جي اوسيئڙي وارين ڪيفيتن کي ٻه پيار واري لهجي سان اظهاري ٿو:

منهنجي نيڻن کي اگهڻ وارو سوا تو ڪونهي،
آ يقين دل کي جي ايندين ته حوصلو ايندو.

تون نه ايندينءَ ته اداسيءَ جو زلزلو ايندو
خاڪ اڏندي ۽ پڙاڏن جو ترٿلو ايندو.

هڪ شاعر وقت شناس ۽ درد شناس پڻ هجي ٿو. درد پنهنجو هجي يا پرائو شاعر پرائي درد ۽ مسئلي کي ٻه پنهنجو سمجهي پهريان پوڳي ٿو پوءِ انهن پوڳنائن مان گذري پنهنجي پوڳنا جو درد پنهنجي تخليقن ۾ اوتي ٿو عاجز ٻه هڪ وقت شناس ۽ درد شناس آهي. اهو ئي سبب آهي جو عاجز هن قسم جون تخليقون سرجي ٿو:

جتي ڏاڍ آهي اهو ڏارجي،
ها ظالم جي آڏو ڪڏهن ڳوڪجي.

سدا منهن ڏجي مسئلن سان عاجز
همت پنهنجي ماڻهن کي هر پل هجي.

هميشه رهيا هن مسئلا هتي.
مسئلن کان خالي نه دنيا ڪٽي.

ڏسو ڏيهه ورتل غمن ۾ سڄو آ،
نظر جي ڪبي ها هِتي ۽ هُتي.

اسان جي بہ من ۾ سوين سور آهن،
ڪو ويجهو اچي ۽ اسان کان پڇي،

اڪثر شاعر ۽ ماڻهو جڏهن حاصلات جا پيچرا وڃائي ويهندا آهن تڏهن زماني کان شڪايت ڪندا آهن. اهڙين ڳالهين کي رد ڪندي عاجز عاشق ڪيڏي نہ سهڻي ڳالهہ ڪئي آهي:

وفا ناهي زماني ۾
تہ پو ڇاهي زماني ۾

محل هر ڪو محبت جو
پيو ڍاهي زماني ۾

ڪو ڇهري جي مٿان ڇهرو
نٿو لاهي زماني ۾

ڀلا انسان ڇو خود کي،
نٿو ڳاهي زماني ۾

انهيءَ تخليق جي تسلسل کي برقرار رکندي انهيءَ فڪري وڏيڪ مضبوط ڪندي. عاجز عاشق هڪ ڏاڍي خوبصورت ڳالهہ ڪئي تہ جيڪي ماڻهو مايوسين ۽ نااميدين جي اونداهين ۾ رهي حقيقتن جي حيثيت کي تسليم نہ ڪندا آهن. اهي پوئتي ڌڪجي ويندا آهن. همت ڀرين انسانن جي وڌيڪ همت افزائي ڪندي عاجز عاشق هيءَ سهڻي ڳالهہ ڪري ٿو:

حقيقت کي جنهن ڀي وساري ڇڏيو آ،
زماني انهيءَ کي ڌڪاري ڇڏيو آ.

هي انسان عاجز نہ معمولي شيءِ آ،
انهيءَ يار پٿر بہ ڏاري ڇڏيو آ.

جنهن شاعريءَ مان ڪنهن پڙهندڙ کي ڪو اتساهہ ملي، ڪا جيئڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي وات ملي، حقيقت ۾ اهڙي شاعري ۽ شاعر هميشہ امر ليکجن ٿا. معاشري، قوم ۽ ڌرتيءَ جي اصلاح لاءِ هر شاعر تي اهو فرض ٿو عائد ٿئي تہ هو پنهنجي تخليقن ذريعي معاشري، قوم ۽ ڌرتيءَ جي اصلاحي پهلوءَ کي نظر انداز نہ ڪن. عاجز پنهنجو اهو فرض نڀائيندي انسانن کي هي انساني، عالمي ۽ اسلامي نوعيت جو پيغام ڏئي ٿو.

ڏکن ۾ جيئو ۽ جيئارڻ سکو
ڪڏهن بہ هي همت نہ هارڻ سکو.

جي اجڙيل هجي ڪو تہ ان کي سنواريو
حياتيون سينگارڻ سنوارڻ سکو.

رهيو جنهن جو ناهي زماني ۾ ڪوئي،
ڪٿو ان ڪي هيڪر ۽ پالڻ سکو.

عاجز عاشق ۾ شاعراڻيون خوبيون موجود آهن، عاجز جو فڪر هن کي هڪ ڏينهن سٺن شاعرن جي قطار ۾ آڻي بيهاريندو. البت هن کي فن تي ڪجهه محنت ڪرڻ گهرجي، عاجز جو هي ادبي تحفو سنڌي ادب لاءِ لاڀائتو ثابت ٿيندو.

## مشتاق بخاري

ٽپال گهر ڏڪڻ ضلعو شڪارپور.
0345, 3940758
22_11_2006

# قابل تعريف شاعري

عاجز عاشق تنيو جي شاعري دل جي گهراين سان منهنجي نظرن مان گذري آهي.سنڌس شاعري فن جي تمام گهڻن موڙن مان گذريل محسوس ٿي آهي. عاجز عاشق فن جي دائري ۾ پاڻ کي بيهاري ۽ اهو سوچيو آهي ته فن جي مُنجهيل ڏڳن کي ڪنهن صحيح رستي سان لاتو وڃي.

عاجز عاشق ڪٿي ڪٿي فني ڳالهين کان پوئتي هٽي ويو آهي، جيڪا شايد شروعاتي دور جي بيخبرائي چئي سگهجي ٿي، ليڪن سنڌس محنت ۽ شوق ايترو جنون جي حد تائين گهرو آهي، جيڪو فن جي غلطين تي يقينن حاوي ٿي ويندو. جيڪي آثار سنڌس جي شاعري مان پرپور نظر اچن ٿا. بحر و وزن جيڪو شاعريءَ جي دائري ۾ تمام گهڻو اهميت وارو فن ليکيو آهي، اِهو سنڌس ذوق اُن فن ڏانهن عاجز عاشق کي تمام گهڻو تيزي سان وٺي وڃي سگهي ٿو. انهيءَ ذوق محنت ۽ تسلسل جي ڪامياب ڪاروائي ڪيس ڪامياب شاعري ڪرڻ وارن شاعرن جي صف ۾ ضرور شامل ڪندي.

شاعري لفظن جو جهڙوڪ هڪ انمول خزانو هوندي آهي جتان لفظن کي درستگي ملندي آهي ۽ مان سمجهان ٿو. اها عاجز عاشق کي ڪجهه عطا ٿي چڪي آهي ۽ اجا بہ گهڻي مطالع سان اجا بہ وڌيڪ عطا ٿي سگهندي. جهڙي طرح ساڪن متحرڪ کي شاعريءَ ۾ تمام وڏي حيثيت ملندي آهي ۽ انهيءَ ڪانپوءِ شاعري عالمانا حيثيت ماڻيندي آهي ۽ استاديءَ جو اعزاز پڻ ڏيندي آهي.

عاجز عاشق جي شاعريءَ ۾ اهي سڀ محنتون ۽ خوبيون صاف صاف نظر اچي رهيون آهن. سنڌس شاعريءَ جي شروعات اهڙي تہ خوبصورت آهي، جيڪا اڳتي هلي ڪيس ڪامياب ترين شاعرن جي صف ۾ آڻي بيهاريندي

موجوده حالت ۾ ڪيس اصلاح جي ڪنهن حد تائين ضرورت محسوس ٿي، جنهن کي پورو ڪرڻ لاءِ عاجز جدوجهد پڻ ڪئي آهي ۽ اها اميد ٿا رکون تہ انهيءَ ذوق ۽ شوق سان عاجز لکيو تہ يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ عاجز عاشق هڪ ڪامياب شاعر آهي. باقي ان ڳالهه ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ عاجز عاشق تنيو جي شاعري قابل تعريف آهي.

## نشتر ناٿن شاهي

جنرل سيڪريٽري
جمعيت الشعراءَ سنڌ

خيرپور ناٿن شاهه

**تاثر**

## گهايل روح منجهان ڦٽي نڪتل شاعري

شاعري انسان جي جذبن ۽ مختلف لمحن ۾ طاري ٿيندڙ ڪيفيتن ۽ احساسن جي اظهار جو نالو آهي، موجوده وقت ۾ سنڌي ٻولي جي ادب ۾ نثر جي ڀيٽ ۾ شاعري جو پاڙو تمام سگهارو آهي. غزل جي صنف موجوده وقت ۾ سنڌي شاعري جي بيحد مقبول صنف طور اسان جي سامهون آئي آهي، جنهن ڪي سنڌي ٻولي جي ڪلاسيڪل شاعرن توڙي موجوده دور جي نئين ٿهي جي جديد شاعرن پنهنجي دور جي حالتن ۽ پنهنجي اندروني جذبن ڪي ڀرپور نموني سان اظهار ڪيو آهي.

ميهڙ تعلقي جي مٽيءَ سان واسطو رکندڙ نئين ٿهيءَ جو نوجوان شاعر 'عاجز عاشق ٽنيو' جي شاعري جو پهريون ڪتابي مجموعو 'احساس ختم ٿي ويو ' سندس جي پيار جو پهريون پورهيو آهي. جنهن ۾ رڳو غزل ئي شامل آهن ۽ جنهن ۾ هن حساس شاعر جا داخلي جذبا اُپامي رهيا آهن، هتي عاجز عاشق انسانن جي مختلف فطري روين ۽ ڪيفيتن جي جيڪا ڳالهه ڪري ٿو ان ۾ ڪيترين نه حقيقت شامل آهي.

منهنجا رنگ هزارين آهن،
ڪوجهو آهيان مان انسان.
انسانن جو قاتل آهيان،
جذبا ناهن مان حيوان.
دين ڌرم ڪا ڳالهه نه ڄاڻان،
پو به سڏايان مسلمان.
مان جي سچ جو ساٿ نه ڏيندم،
مٽيءَ لهندس مان به نه مانُ.

مٿي بيان ڪيل غزل جي چونڊ بندن ۾ عاجز عاشق موجوده سماج اندر رهندڙ انسانن جي مختلف روين ڪي نروار ڪري ٿو. جنهن جي ساک اخبارن ۾ رپورٽ ٿيل خبرون ۽ پرائيويٽ چئنلن تي آيل تصويرون ۽ فلم رپورٽون پڻ ڏين ٿيون. عاجز عاشق جي شاعري ۾ خوبصورت ۽ سولي سادي ٻولي استعمال ٿيل آهي، ان سان گڏ علم عروض جي پختگي پڻ هن جي شاعري ڪي بيحد وڻندڙ بڻائي ڇڏيو آهي، هتي عاجز عاشق جي هڪ غزل جا ڪجهه چونڊ بند پيش آهن.

ڪير چوندو زندگي مون ڪان وڃي،
سونهن جهڙي سادگي مون ڪان وڃي.
مان نه ٿو چاهيان ته سڏجان بي ضمير،
محبتون ۽ عاشقي مون ڪان وڃي.
جنهن جي نيڻن ۾ ڏسان ٿو پاڻ ڪي،
سا چو 'عاجز' آرسي مون ڪان وڃي.

مٿي بيان ڪيل غزل جي بندن ۾ عاجز عاشق جا ساهه سانديڻ جهڙا خوشبوءِ ۾ واسيل خيال، جنهن ۾ زندگي جي حُسناڪين سان پيار، سونهن جي پوڄا ۽ انسانن سان محبتون ونڊڻ جو عڪس نظر اچي ٿو.

تحفو ڪري ڏيان ٿو
توکي گلاب جو
توڙي حشر ڪرين ٿو
منهنجي گلاب سان.

مٿي پيش ڪيل غزل جون چوندڊ سٽون ڪلاسيڪل موضوع سان واسطو رکن ٿيون. جنهن تي ڪڏهن به زوال نه اچڻو آهي. شيخ اياز پنهنجي ڪتاب ’سانجهي سمنڊ سپون‘ جي مهاڳ ۾ پڻ ڪلاسيڪل ۽ آرٽ جي ڳالهه ڪئي آهي چٽي نموني سان جنهن ۾ وقت جي بدلجندڙ حالتن موجب موضوع جي اهميت ڪڏهن گهٽجي يا ختم ٿي ويجي ٿي ۽ ڪڏهن وري بيهر حالتن جي آڌار موجب اهميت وڌي ويجي ٿي. باقي فقط پيار ئي هڪ اهڙو لازوال موضوع آهي. جنهن تي ڪڏهن به زوال نه اچڻو آهي.

رڳو ميرا هتي من جا.
پيا ڪاهي زماني ۾.
ڪو چهري جي مٿان چهرو.
نٿو لاهي زماني ۾.

مٿي بيان ڪيل غزل جي چونڊ بندن ۾ عاجز عاشق انساني فطرت جي منفي لاڙن بابت پنهنجي اندر جو احساس چٽيو آهي جيڪو موجوده طبقاتي سماج جي هڪ اٽل حقيقت آهي.

پاڇن پويان ڊوڙي ڊوڙي پنهنجو وقت وڃائيندين.
سارو جيون تڙپي تڙپي دل جو درد پرائيندين.
ڪهڙي آهي منزل تنهنجي ڪاٿي توکي وڃڻو آهي.
سارو رستو ڪنڊا ڪنڊا خود کي ڪيئن بچائيندين.

مٿي ڏنل غزل جي وڻندڙ سٽن ۾ عاجز عاشق منزل تان پٽڪي ويل پريمين کي ساڀيائن جو ڏڱ ڏسيو آهي ۽ خوابن جي دنيا مان سجاڳ ڪري زندگي جي مشڪلاتن سان سڄاڻپ ڪرائي آهي.

اسان تو ۾ نهاريون ٿا صدين جي آس جي خاطر.
سزائون اڄ پيا تو ارپين. پُراڻي جُوهر جي عيوض!

جيتوڻيڪ غزل جو بنيادي ۽ قديم موضوع محبوب سان همڪلام ٿيڻ ان جي مختلف وڻندڙ ادائن کي حسناڪي سان بيان ڪرڻ آهي. پر جديد دور جي نمائنده شاعرن غزل جي بنيادي ۽ قديم موضوع کان علاوه انقلاب جي جدّت ۽ سماجي براين توڙي ڏاڍ خلاف مزاحمت جو نکور رنگ پڻ پريو آهي. عاجز عاشق جون مٿي بيان ڪيل سٽون موضوع جي لحاظ کان ڪلاسيل غزل جي حقيقي روح جي ترجماني ڪن ٿيون.

اڄ نه سرهاڻ ٿي موج مهراڻ ٿي.
منهنجي ويران دل ۾ نه چانڊاڻ ٿي.
هار چو تو مڃين ڪنهن به تون ڏاڍ کان.
هار همت نه تون هاڻ سرواڻ ٿي.
تنهنجي توري به انڪار جي موت ۾.
منهنجي نيڻن جي پنبڙين ۾ آلاڻ ٿي.

مٿي پيش ڪيل عاجز عاشق جي غزل جا چوندڊ بند آهن. جن ۾ سڪ. خلوص ۽ پيار جي پيڙائن جا اهڃاڻ چٽا نظر اچن ٿا.

ڪيي ٿي هن کي نه پنهنجي ڪرسي. هجن هي ماڻهو غمن ڏکن ۾.
نه تنهن سان تنهنجو ڪو واسطو آ. هي خاص ماڻهو نه عام آهي.

پيا ٿا خود هو منين ۾ رڳڙين. عزت سين جي حياءُ سب جو
لٽن پيا ٿا انهن جي عزت. انهن جي هٿ ۾ جا سام آهي.

عاجز عاشق جون مٿي بيان ڪيل چونڊ سٽن کي پڙهڻ کان پوءِ اها ڳالهه چڱي نموني پروڙي سگهجي ٿي. ته عاجز عاشق پنهنجي شاعري ۾ نه رڳو پريمءُ جي سونهن ۽ ان جي من موهيندڙ ادائن کي بيان ڪيو آهي پر اُن سان گڏوگڏ پنهنجي ڌرتيءَ جي ماڻهن جي مسئلن ۽ ڏکن جو پڻ ڀرپور نموني اظهار ڪيو آهي. ديس جي بي ضمير وڏيرن. سردارن ۽ سياستدان خلاف پڻ

هن احتجاج جو رنگ پنهنجي شاعريءَ ۾ پريو آهي، عاجز عاشق جي پيار جو هِي پهريون پورهيو ’احساس ختم ٿي ويو‘ سنڌي ادبي کيتر ۾ پڙهندڙ وٽان اميد تہ ماناٿي موٽ ماٽيندو. عاجز عاشق جي قلم جو سفر اڃان جاري آهي ۽ جاري رهندو. عاجز عاشق کي جيڪڏهن سنڌي ادب ۾ پنهنجو نمايان مقام ناهڻو آهي ۽ پنهنجي صلاحيتن کي مڃائڻو آهي تہ هن کي گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪل توڙي جديد شاعريءَ جو گهرائي سان مطالعو ڪري ۽ سنجيدگيءَ سان پنهنجو ڌيان ۽ گيان جاري رکي، اميد ڪجي ٿي تہ عاجز عاشق اڃا بہ نئين اُتساهہ سان لکندو رهندو ۽ پنهنجي ڪير جهڙن اَڇن خوابن کي جهالت جي اونداهيءَ کان پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ماڻهن لاءِ بچائي رکندو. آخر ۾ سنڌي ٻولي جي منفرد ليکڪا مانواري امر سنڌوءَ جي نثري نظم جي ڪجهہ چونڊ سٽن سان عاجز عاشق کي ڀيٽا ڏيندس تہ.

هُن جا ڪن
جنهن شاعر جي دستڪ ٻڌڻ لاءِ
آتا هئا
گذريل برف باري ۾
هُو خواب ڏسندڙ اکيون
هُن کي اُڌاريون ڏيئي
نيلام ٿيڻ هليو ويو.
۽ رات جهڙيءَ ڪاريءَ هوندي ۾
هُن کير جهڙا اڇا سپنا
ڏسڻ جو ڏانءُ
سِکي ورتو.

**گوهر ’گل‘ ڳورڙ**
ميهڙ
14_12_2006




## حمّد باّري تعاليٰ

يا الاهي! ڪرم ڪر تون مصطفيٰ جي واسطي،
مَرتبي ۽ شانَ واري جي سخا جي واسطي.

تو سوا حيلو نہ ڪو پيو تنهنجو ئي آ آسرو
درد تڪليفون ختم ڪر، ڪربلا جي واسطي.

نيڪ رستن جي سفر تي گامزن ٿيون اي خدا،
بس اچي ڪر پار ٻيڙو هن دعا جي واسطي.

ڪوڙ ساريون خواهشون در تنهنجي آيا هون کڻي،
اي خدا! جائز سي پوريون ڪر عطا جي واسطي.

بيشمار آهيون گناهي، ڪوئي ڪاٿو ڪين آ،
تون رحيم آهين تون رحم ڪر پيشوا جي واسطي.

هن دنيا ۾ آخرت جو دور ڪر هر هڪ عذاب،
جهول 'عاجز' جو تون پر حمد و ثنا جي واسطي.

## نعت رسول ( صلعم)

سيني نبين ڪان اعليٰ عظمت رسّول جي،
اهڙي تہ ڪئي آ مالڪ قسمت رسّول جي.

هر شيءِ خدا هي خلقي ساري جهان ڪارڻ،
الله ڪي وڻي پر محبت رسّول جي.

مولا ڪري سين ڪي عاشق مٺي نبيءَ جو
هر ڪنهن ڪي ٿي پئي حاصل سعادت رسّول جي.

مدنيءَ جي بارگاه ۾ جهولي جهلي اٿم،
منهنجو نصيب ٿي پئي رحمت رسّول جي.

سارو قرآن آهي، مدنيءَ جي شان ۾،
ڪيڏي نہ ڪئي آ مالڪ عزت رسّول جي.

مالڪ جي حڪم سان جنهن لهندڙ هو سج موٽايو
عرشِ عظيم ڪان اڳ آ، ولايت رسّول جي.

❇

مالڪ جي اهڙي نعمت وسري ئي نہ ٿي،
جيجل جي هڪ بہ محبت وسري ئي نہ ٿي.

جنهن جي ڪرڻ عبادت ڪوئي گناهہ ڪونهي
پيرن ۾جنهن جي جنت وسري ئي نہ ٿي.

ڪيڏو خدا ڪيو آ خود شان ماءُ جو
اهڙي امڙ جي عظمت وسري ئي نہ ٿي.

ويندو هو طور سينا، موسيٰ خليل الله،
تنهن تي امڙ جي رحمت وسري ئي نہ ٿي.

صدقو ڪري ٿي ساهہ ڪي گهوري پئي امان،
ڪا مٺُ نہ تنهنجي الفت وسري ئي نہ ٿي.

هر دم دعا گهري پئي ، 'عاجز' جي جان لئہ،
جيجل جي چا تہ فطرت وسري ئي نہ ٿي.

❇

نہ دولت نہ دنيا جو سامان گهرجي،
اسان کي تہ بس پنهنجو ايمان گهرجي.

زماني جي گردش منجهايو اسان کي،
ڪڏهن جيڪو پاهر سو انسان گهرجي.

ڪري صاف ذهنن جي جاهل دزيءَ کي،
اسان کي تو اهڙو ئي مهمان گهرجي.

اسان جي وطن تي ڏکيو وقت آهي،
انهيءَ کي بچائي جو سلطان گهرجي.

ڪٿو ناهي انسان، سوچون ڪٿيون هن،
جو سڀ کي هتي تو بي ايمان گهرجي.

رکان جنگ جاري پيو نفس سان مان،
انهيءَ لئہِ اِلاهي تو فرمان گهرجي.

❊

اکين ۾ اکين کي ملائي ڏٺوسين،
اسان پاڻ ان ۾ وڃائي ڏٺوسين.

هيون سمنڊ جهڙيون ڪي گهريون نگاهون،
تڏهن مينهن ساوڻ وهائي ڏٺوسين.

ٿي بدلي وفا جي ملي پئي سزا ڇو؟
سزا ۾ بہ جيون هلائي ڏٺوسين.

اسان خاڪ آهيون مگر باهہِ محبت،
سو ان باهہ ۾ خود جلائي ڏنوسين.

اماڻيون هيون تو ڪڏهن ڪي نشانيون،
نشانين ڪي تنهنجي سجائي ڏنوسين.

اسان سان نہ منزل ۾ هو همسفر ڪو،
پو تنها غمن کي رلائي ڏنوسين.

❊

اسان سان بہ ڪنهن جي محبت هجي،
زماني سان پيل پو بغاوت هجي.

صبح شام محبت جون ڳالهيون ڪري،
محبت ۾ اهڙي سخاوت هجي.

ڪٿون سور تنهنجي حصي جا سيئي،
مگر جان تنهنجي سلامت هجي.

نہ تو مون کي موهي ڪو تاج محل
اکين ۾ محل جي اڏاوت هجي.

حياتي سموري هجي ساڻ بس،
ڪڏهن پيي نہ هن جي عداوت هجي.

ڪا ’عاجز‘ جي تقدير ٿاهي ڪٽي،
سندس دل ۾ جيڪر عدالت هجي.

❊

ها پٿر ٽڪرا ٿيندو
پنهنجو پي وارو ايندو.

جبل پهاڙ ٽٽي پوندا،
هر دشمن هار مڃيندو.

ڏاڍي جي ٿيندي نه بقا،
ڏونگر جيئن ذَري ويندو.

ڪنهن جا حق ڦبائي ٿو
سو ڪيسين نيٺ کسيندو.

اوچا اوچا ڳاٽ ڪرن ٿا،
هڪ ڏينهن هو سرُ ڏيندو.

سنڌ جي دشمن تي دانگي،
’عاجز‘ نيٺ مَليندو.

❊

چاهتن ڪي نفرتن ماري وڌو
چاهه ليڪن چاهه ڪي تاري وڌو

تو جهليو آهي شرابن کان جڏهن
مون تڏهن کان جام ڪي هاري وڌو

تنهنجي چپڙن جو پرين بوسو مٺو
زندگيءَ کي پيئندي گهاري وڌو

زلزلو ايندو هيو جذبات جو
پيار جي طاقت اهو تاري وڌو

رات هئي ۽ خواب پيي تنهنجو مٺا
ماڪ جي موسم به وهنجاري وڌو

زندگي جي ٽياس تي 'عاجز' چڙهيو
حسن تنهنجي قياس کو ڏاري وڌو

❊

ها ماٺ به ڪر افسوس نه ڪر
هي وقت گذر ٿيندو آخر

بيچين نه ٿي ڪجهه سوچ نه تون
پاڳن جو سحر ٿيندو آخر

بي درد دنيا کي ناهي قدر
سو نيٺ قدر ٿيندو آخر

هي وقت سڀين تي اچڻو آ،
هن کي به فڪر ٿيندو آخر.

ڪجهه گذري آڪجهه گذرڻ ڏي،
لمحن جو ڇهر ٿيندو آخر.

هر ماڻهو ’عاجز‘ سمنڊ جيان،
گذري به لهر ٿيندو آخر.

*

نه جوڙيو محل خواب وارا ائين،
جو ڪري ويندا محل سارا ائين.

پيو هرڪو ٻئي کي ڇڏيندو وڃي،
ويا تن کان وڇڙي سهارا ائين.

جئين پاڻ منزل پٺيان پيا ڊڪون،
تئين ڏور پيا ٿين ڪنارا ائين.

هي ويران جيون لڳي پيو سڄو،
بنا تو نه موهن نظارا ائين.

زماني ۾ هرڪو دغا ٿو ڪري،
ٽٽن آسمان ۾ ٿا تارا ائين.

هتي ڪير هٿ سان سزائون ڪٽي،
ڏين جانِ پنهنجي مون پارا ائين!

❊

هجان کو پکي شل مان اڏري وڃان،
اوهان جي غمن کان ٻـ گذري وڃان.

نـ تو سور سختيون سهي مان سگهان،
جي گوندر غمن جي کان نڪري وڃان.

حياتي اجا تنهنجي طلبيان پيو
اوهان کان پلي مان ٻـ وسري وڃان.

پيا روز کيو ٿا دغائون تـ ٻـ مان،
اوهان جي محبت ۾ پڄري وڃان.

هتي کو وفادار ڪنهن سان نـ آ!
حقيقت ڪري جي هي پڌري وڃان.

اسان ۾ اجا آ سهپ ايڏي 'عاجز'،
وري چوٽ کائي تو جگري وڃان.

❊

هميشه رهيا هن مسئلا هتي.
مسئلن کان خالي نہ دنيا ڪٿي.

ڏسو ڏيھ ورتل غمن ۾ سڄو آ،
نظر جي ڪبي ها هِتي ۽ هُتي.

اسان پنهنجي هَٿَ تي رهياسين سدا،
خوشيون ٿيون نہ حاصل جهان کان رتي.

اسان جي بہ من ۾ سوين سور آهن،
ڪو ويجهو اچي ۽ اسان کان پڇي،

رسي ڪو وڃي ۽ ڪو پرچي پيو
رهيو سلسلو هي بہ ماڻهو جتي.

جتي ڏاڍ آهي اهو ڏارجي،
۽ ظالم جي آڏو ڪڏهن ڪُوڪُجي!

سدا منهن ڏجي مسئلن سان 'عاجز'
همت پنهنجي ماڻهن کي هر پل هجي

❊

پيو ڏکان پاڇن پٽيان ڪين تو منزل پسان،
زندگي اٽڃاڻ وانگر ڪاش گر توکي رسان.

ڪوڙ لهرن وانگيان تي سور مان چلندو رهان،
چڙ ڪليل آ آسمان جو مينهن تي تو مان وسان.

خواب جي ساپيان ٿئي جيِ زندگي ٻڃجي پوي،
سچ تہ تنهنجيءَ سونهن وانگر، جيءَ تنهنجي ۾ رهان.

جا اندر ۾ آس آهي، سا نہ ساري ياسُ آ،
پورو منهنجو خواب ٿي پئي، مان پرين جهومان نچان.

منهنجي نيڻن کي بہ شابس جو پرين کو دادُ ڏي،
ڏس هزارين آدمين ۾ ڪيئن مان توکي لهان؟

تون نہ چاهين ٿو مان توتي جان ٿو گهوريان پيو،
مان سچو جيون ٿو جاني! پور ۾ تنهنجي پچان.

چاڻ مونکي ڪين پئي تي، پاڻ ئي پنهنجي پرين،
مان چو ’عاجز‘ آس سانڍي هر گهڙي توڏي اچان.

❊

منهنجا رنگ هزارين آهن،
ڪوجهو آهيان مان انسان،

تنهنجي منهنجي رازن بابت،
چاٽي هرڪو ٿيو حيران.

من جي من ۾ رکندو آهيان،
چڻ اندر ۾ مان شيطان.

انسانن جو قاتل آهيان،
جذبا ناهن؛ مان حيوان.

آهي کهڙو عمل اسان جو
هر ڪنهن جي دل ۾ بيمان.

دين ڌرم کا ڳالهہ نہ چاٽان،
پو بہ سڏايان مسلمان.

مان جي سچ جو ساٿ نہ ڏيندم،

متيءَ لهندس مان ٻه نه مانُ

❊

باذوق دل کي چنچل ساٿي ملي ويو
دل جو چمن هو اداس هاڻي کلي ويو

هرٽيءَ جي چال وانگر هن جي چا لوڏ هئي،
هُو مورٽيءَ کان سهڻو اهڙو ٿلي ويو

توري وفا جي صدقي سودا ڪيم سمورا،
گوندر غمن ۾ اهڙيون خوشيون رلي ويو

دل ٿئي منهنجي امانت هڪ ڏينهن توکان وٺبي،
ٻئي کي ڏجان نه دل تون، مون کي جهلي ويو

جڳ ۾ نه مليو تنهن کي ماڻهو وفا پريو
سڀ سور مون سان ساٿي هينئر سلي ويو

هڪ مرڪ ۾ اسان جو جيون ويو ٿهي،
سالن جي هئي سڪايل دل کي پلي ويو

’عاجز‘ تو ان کي چاهي دل جي هڳاءَ سان،
اهڙو ته تنهن جي رازن کي هُو ٿلي ويو

❊

غم تون ڏيون وجي تو کھڙي حساب سان،
حالت چا منھنجي ٿيندي اھڙي عذاب سان.

توکان وفا گھران تو ناراض تون ٿئين تو
نيڻن ۾ نير ايندا تنھنجي جواب سان.

تحفو کري ڏيان تو توکي گلاب جو
توڙي حشر کرين تو منھنجي گلاب سان.

ساقي نہ جام ڏيندي تکبو ئي يار ناھي،
مئخانو آھي خالي تنھنجي حجاب سان.

سوچان پيو نہ توتان سرجي وٺان غزل،
حالت کرين نہ ساڳي منھنجي کتاب سان.

دل ڏئي نہ غم ڏبو آ کنھن کان سکيو آن تون،
ساڳيو قصو نہ ورجاءِ تون دل جي باب سان.

آھي نہ ڏوھ منھنجو 'عاجز' اھو سجو
چو موھجي ويو ھان مان تنھنجي تاب سان.

❊

کير چوندو زندگي مون کان وجي،
سونھن جھڙي سادگي مون کان وجي.

ڏيھ کي مٿ چو کيان محبوب جي،
چو اھا منھنجي خوشي مون کان وجي.

پيار تو چڙ بندگي ھن جي کيان،
چو پلا سا بندگي مون کان وجي.

جنهن سان گڏ هيڏي سُکي آ زندگي،
سا سُکي چو زندگي مون کان وڃي.

مان نہ تو چاهيان تہ سڏجان بي ضمير،
محبتون ۽ عاشقي مون کان وڃي.

جنهن جي نيڻن ۾ ڏسان تو پاڻ کي،
سا چو 'عاجز' آرسي مون کان وڃي.

❊

جي اچين تو تہ جذبا تا جاڳي پون،
جي وڃين تو تہ اڏما تا جاڳي پون.

رمز تو ۾ يلا چا رکيل آ، ٻڌاءِ،
چاهتن جا چو نغما تا جاڳي پون؟

تون رهين هر گهڙي مون تي چانيل سدا،
شانُ تنهنجو پوءِ رتبا تا جاڳي پون.

آهي ڏاڍي ڏکي مهل تنهنجو وڃڻ،
ساهہ منهنجي جا سهڪا تا جاڳي پون.

ڳالهہ چو تو ڪرين تون ڪنهنجي پيار جي
جو هتي ڪنهن جا صدما تا جاڳي پون.

❊

زبان شوخ ۽ دل نرم ٿا رکو
اسانجو وري ڀي ڀرم ٿا رکو

مجون ٿا اندر ۾ رکو پيار ٿا،
۽ جذبا بہ ڏاڍا گرم ٿا رکو.

اسان جهڙي سادي سماجهي شخص لئہ
لکين مهربانيون ڪرم ٿا رکو.

نٿا غير ڪنهن جي سهو ڪا نظر،
فخر آ جو ايڏو شرم ٿا رکو.

ڇڏيو ڪين ٿا بيرخي سا روا،
مگر پو بہ دل ۾ رحم ٿا رکو.

يقين مون کي اهڙو ڏياريو پڪو،
وفا جو اسان لئہ عزم ٿا رکو.

هميشہ ٿا مرڪي ملو 'عاجز' سان،
ڪڏهن ڀي نہ چهري تي غم ٿا رکو.

❊

اوهان بن هي جيئڻ زهر تو لڳي،
سڄو چڙ سمورو شهر تو لڳي.

نہ تو جيڪو گذري اسان ڪان صفا،
هي اهڙو ڏکيو ڪو پهر تو لڳي.

اسين يار آهيون اڌورا سدا،
ڪٿل شعر جو جيئڻ بحر تو لڳي.

حياتي گذارڻ آ ڏاڍي ڏکي،
غمن ۾ اسان جو گذر تو لڳي.

وڃائي تو ويهان پرين پاڻ کي،
جو طاري اوهان جو سحر تو لڳي.

اوهان بن زمانو پرين بي مزو،
اسان تي ڪو اهڙو اثر تو لڳي.

چوان تو تہ 'عاجز' نہ ڪاٿي مزو،
جو گهر پيو اسان کي نہ گهر تو لڳي.

❊

وڇوڙي جي وائي نہ تون ڪر، نہ مان ڪيان،
محبت ۾ ڏوکو نہ تون ڏي، نہ مان ڏيان.

قسم آ خدا جو آ محبت عبادت،
گناهن ۾ غافل نہ تون ٿي، نہ مان ٿيان.

وڃي مئڪدي تي چُڪِي تون نہ گهُرِجان،
سوا پيار ــ بوسي، نہ تون پيءُ نہ مان پيئان.

سوا تنهنجي مون کي نه دنيا وٽي ٿي،
سوا هڪ ٻئي جي، نه تون جيءُ نه مان جيئان.

زماني ۾ محبت بنا ڪجھ به ناهي،
ڪريان عشق جا ڇا ڪهاڻيون قصا بيان.

مان ’عاجز‘ اوهان جو اوهانجو ئي رهندم،
اندر جي حقيقت ڏسي تو ڇڏيان مان.

❊

دل کي غم جا ڪندا دل ته درياهه آ،
ساڻ آهي سڄڻ ڪهڙي پرواهه آ.

جوءِ ساري پئي آهي جرڪي متا،
چنڊ تي پنهنجو چوڏس ڪڙيو چاهه آ.

حوصلا پاڻ اهڙا رکيا پاڻ ۾،
جنهن چنڊ جي ڪئي پاڻ کيو ناهه آ.

هن دنيا ۾ آ هرڪو مسافر هتي،
هيءَ دنيا جو رباني رهي راهه آ.

جن کي سمجهيو اسان جانِ کان ٻي مٿي،
پيار تن سان ڪبو جا گهڙي ساهه آ.

سار تنهنجي ڪسي ڪوئي مون کان ڏسي،
پيار جي جوءِ ۾ مون به ڪئي ڪاهه آ.

پاڻ ’عاجز‘ حياتي انهيءَ ناڻ ڪئي،
جنهن اسان ۾ پريو ساهه ويساهه آ.

*

درد جو مرڪز بڻي آ زندگي،
ديد ۾ بارش ڪٽي آ زندگي.

پيار کي سمجهڻ جي خاطر ڇو لڳو
پهر ڪان ڏاڍي گهٽي آ زندگي.

تو ڏنو آهي ته آ تنهنجو قسم،
ڏيهه ڪان ٻه وڏ وٽي آ زندگي.

زندگي ماڻهو سنواري ٿي ڇڏي،
هٿ ڦيريو چڙ ڦٽي آ زندگي.

مون اجاري ڪاڻ ڪوئي ڪر بلو
مرڪ ڇپڙن تي ڪٽي آ زندگي.

تو بنا جيون کي ڪٽن گهاري ڏنو
چڙ ته وارن جان ڇٽي آ زندگي.

*

اوچتو اوچتو تنهنجون راهون تڪيان،
تيز جهولا هجن پو ٻہ توڙي اچان.

ٿي مان عادي پيس تنهنجي ئي پيار جو
جيڪو پاڇو ڏسان تنهن جي پويان ڊڪان.

تو ڏٺو جنهن گهڙي دل هٿن مان وئي،
ان گهڙيءَ حال دل جو ڪيان چا بيان.

آهي دنيا سڄي محبتن کان خفا،
پيار جي راهہ ۾ ڪين ڪنهن کان ڊڄان.

جا حياتي رهي پيار توسان ڪبو
ساٿ مون کان نہ ڇن، مان نہ توکان ڇنان.

چاهتن جو پلا ديس پنهنجو اڏيون،
هن دنيا کي ڇڏي ساڻ توسان هجان.

منهنجو جيون ٻہ ’عاجز‘ ٿي جنّت مثل،
جنهن گهڙي تات ۾ پاڻ توسان ملان.

❊

ڪيترا ارمان تو سانڍي گهمي،
سوچ ۾ انسان آ ڏس ڪيترو!

غير کي دل ۾ رکي تو روز پيو
غير جو بيمان آ ڏس ڪيترو!

ڪيترين سوچون ڪرائي تو ڪريل،
نفس پيو شيطان آ ڏس ڪيترو!

ڪيتري خوشبوءِ تو واسي وجهي!
سوچجي گلدان آ ڏس ڪيترو!

ڪيترا ڏونگر ٻه ڏاري تو وجهي،
عشق جو دهمان آ ڏس ڪيترو!

جي سسي وڏجي نه سر کي ڪِيرِجي،
مڙس جو پو شانُ آ ڏس ڪيترو!

هيءُ 'عاجز' مورتيءَ مٿّيءَ مٿان،
اڻ گهُريو قربان آ ڏس ڪيترو!

❊

پل اندر ۾ پيار جو ڏيئو نه ٿي،
قرب جي ڪائنات ۾ ڪوڙو نه ٿي!

قرب جو سارو قصو ئي پاڪ آ،
پيار کي توڙي صفا ليڪو نه ٿي.

پوءِ جي شرمنده ٿيڻ جو ڪو هجئي،
پيار جو دشمن ڪو ٿئي ان جو نه ٿي.

باهه ٿي پڙڪي اٿي تنهنجي اندر،
ساهه کي ساڙي، اهو شعلو نه ٿي.

بي وفا سنسار جي تون پر نه ٿي.
۽ هجي تنهن ساڻ جو تنهنجو نه ٿي.

پيار جي بدلي جهان کي پيار ڏي،
پيار وارن لئه ڪڏهن اهنجو نه ٿي.

تنهنجي ’عاجز‘ کي اهو ئي فڪر آ،
پيار بن ايڏو صفا سهنجو نہ ٿي.

❊

جنون سان جا وفا ڪرين ٿو
اجايو ايڏي خطا ڪرين ٿو!

مٿيءَ جي تون مورتيءَ خاطر،
عبادتون ڇو قضا ڪرين ٿو؟

اها نظر ٿئي اکين جو ڏوڪو
اجايو ڳڻ تون سزا ڪرين ٿو.

تون بي وفا سان ڪري محبت،
خوشين کان دل کي جدا ڪرين ٿو.

گهمن ٿا چهرا نقاب اوڍي،
سڄاڻ ڪنهن جي نہ ڪا ڪرين ٿو.

هي پيارُ جنهن جي بها نہ آ ڪا،
تون يارا! تنهن جي بها ڪرين ٿو!

هي دل تہ ’عاجز‘ اسان جي مندر،
جو ڪنهن جي پوڄا سدا ڪرين ٿو.

❊

ٿڪا پاڻ آهيون وفائون ڪري،
نہ ٿا يار ٿڪجو جفائون ڪري.

خطائون ڪيون ڪوڙ چاهڻ سنديون،
پري ٿياسين شايد خطائون ڪري.

اوهان جو اچا روح ناهي پريو،
هزارين ڪروڙين دغائون ڪري!

سجي رات گذري وري ياد ۾،
اوهان لئہ پڏي هٿ دعائون ڪري.

زخم دل جو ويتر ٿو ڪلندو وڃي،
پيا آهيون ٿڪجي دوائون ڪري.

اچا يي اسان ڪي ٿو موهين پيو،
اجايو پراڻيون ادائون ڪري.

اسان تنهنجي ڪارڻ پني آ ڏنو،
خدا ڪان اوهان جون صدائون ڪري.

❊

تڙپي تڙپي اگر اٿي ويندين،
مان ٿو سمجهان تہ پوءِ جِي ويندين.

ڪيڏو پٽڪين، نہ راس پئي منزل،
ٿورو وڌندين تہ تون پُڄي ويندين.

هن ڪي چاهين ٿو جو چوڻ تون اڄ،
جي سنياليئہ تہ سو ڪڇي ويندين.

جي اکين کان نہ خود بچائيندين،
سمنڊ تنهن ۾ تون پو پڌي ويندين.

ڪو رسئي تو تہ تون نہ روءُ ايڏو
جي پيو روئيندين صفا سُڃي ويندين.

اهڙو جيون ۾ زلزلو ايندئي،
روح تائين پرين! لڏي ويندين.

ها مونجهارو ڪڏهن نہ ٿيندئي ڪو
راهہ ماڻهن کان جي پڇي ويندين.

❊

توکان دور نہ گهاري سگهبو
جيون ڪيئن گذاري سگهبو.

تنها جيئڻ مشڪل آهي،
اهڙو سور نہ ساري سگهبو.

پنهنجي جيون خاطر جڳ ۾
پيو ڪو ناڻءُ نہ واري سگهبو.

توسان دل ۾ همت تي آ،
تو بن هاڻءُ بہ هاري سگهبو.

تنهنجي آمد جي اوسيئڙي،
محشر تائين گهاري سگهبو.

تون جي رهندين ساڻ سدائين،
ڏونگر کي پي ڏاري سگهبو.

’عاجز‘ تنهنجي خاطر جيئندو
تولئہ غير نہ ڏاري سگهبو.

❊

پرين! پيار پنهنجو هميشہ امر آ،
اسان جي محبت ۾ اهڙو اثر آ.

جو تنهنجي بہ مونسان ۽ منهنجي بہ توسان،
ملي وئي آ دلڙي ۽ اٽڪيو جگر آ.

اسان کي ديوانو اوهان ئي ڪيو آ،
ڪَٽيو مونکي تنهنجي تہ هڪڙي نظر آ.

محبت جي منزل نہ سولي ملي آ،
اسان ڪوڙ دردن کي ڪيو درگذر آ.

ڊجون چو زماني کان دلڙي لڳائي،
اسان جي تہ من ۾ نہ ڪنهنجو فڪر آ.

هميشہ سين ۾ پڪيڙي محبت،
محبت جو اڳتي بہ جاري سفر آ.

هي ’عاجز‘ نہ ڏاڍي پيو پيار مان چو؟
چوي تو تہ ’جيون چو هڪڙو چڪر آ؟‘

❊

جيون جو کو خواب اڌورو
ڪاش اهو ٻي ٿي پئي پورو.

ڪوڙ اميدون من ۾ آهن،
پيار جي ناهي من آ تورو.

وڏ وڏ آهيون چڪنا چور،
چير مشن جو نڪتل ٻورو

جنهن کي چاهيان تو گهٽ ناهي،
ٻاهر ٻي اندر ٻي پورو.

ساڻ سو ناهي اڄ ڪلهه ساٿي،
لمحو خوشين ڪان اڻ پورو

هر ماڻهوءَ جي وات آ وائي،
عشق آ سولو ڪوڙ نسورو.

❊

آس آهي تون هجين احساس ۾،
جيئڻ آهيان آنءُ تنهنجي آس ۾.

ٿي جڏهن نازڪ قدم ڪوڙين هتي،
ٿئي سچو گلزار تنهنجي واس ۾.

تون جي رهندين ساڻ مون سان هر گهڙي،
پيار منهنجو ليکبو اتهاس ۾.

چاهتن سان زندگي روشن سدا،
۽ ڏکن سان زندگي اماّس ۾.

پيار ۾ هڪ ئي ملي بوسو ڪڏهن،
چپ رهيا منهنجا سدا هي تاس ۾.

مدتن کان آس ’عاجز‘ من اندر،
آهي سانڊيي تون ملين من باس ۾.

❊

تو سوا چو سري ئي نٿي،
ياد هڪ يي پري ئي نٿي.

آهي اوندهه منهنجي هيئين ۾،
جوت ڪائي پري ئي نٿي.

ننڊ منهنجي ڦٽي آ وئي،
ڪا خوشي دل ڪري ئي نٿي.

ننڊ اهڙي هلي ٿي وڃي،
پوءِ پيهر وري ئي نٿي.

دل کي افسوس آهي اهو
ڏيان مون ڏي ڏري ئي نٿي.

ڪيئن هُن کي ڪيان خيال مان
هوءَ ته پيرو پري ئي نٿي.

❊

اوهان سان دل سدا آهي،
وٽي دل کي ادا آهي.

لڳي جا اهڙو جو تاري تي،
جا محبت جي فضا آهي.

اوهانجي گهور ۾ مون کان،
عبادت تي قضا آهي.

اسان آهيون سچا تنهنجا،
اوهان جي چا رضا آهي؟

وڃان هلندو اچا اڳتي،
اها کهڙي خلا آهي؟

جهان وٽ جا رهي ناهي،
اچا تو وٽ ندا آهي.

تو ’عاجز‘ تانگهه ۾ تڙپي،
نه ڪئي ڪنهن سان دغا آهي.

❊

توسان نينهن لڳايو آهي،
ڪهڙو قرب پرايو آهي؟

محبت جي بدلي ۾ مون کي،
سور حصي ۾ آيو آهي.

ساڳيو آڌو ويهڻ وارو،
ڪين آهي پر سايو آهي.

ڪين ليپي تي جيت اسان جي،
سر ٻه اجايو ساهيو آهي.

ڳرٽو ناهي جيڪو شايد،
پٿر کي چڙ چاهيو آهي.

پاڙيو هو مون 'عاجز' توتي،
تو ئي پاڻ پلايو آهي.

*

ڪئن مرحلن مان ٻه نڪري ويا سين،
ڏکين پيچرن مان ٻه گذري وياسين.

فنا جسم آهي، فنا نيٺ تي ويو
ڪٽي روح پنهنجو ئي اڏري وياسين.

هليو ڪو نه آخر اسان سان سفر ۾
خزان جو سڪل پن تي وڪري وياسين.

تتاسين پڳاسين ۽ زخمي ٿياسين.
سهي چوٽ اهڙي به جگري وياسين.

اسان جن کي چاهيو هميشه جهان ۾
لڳي ٿو انهن کان به وسري وياسين.

ڪتيو ڪيئن جيون پڇڻ تون چڏي ڏي
زهر کي به سمجهي پِي مصري وياسين.

ها 'عاجز' حياتي جي آهي پڄاڻي،
انهيءَ لئه اوهان کان به وڇڙي وياسين.

❊

پيار نه ڪيو جڻ پوڄا ڪئي ٿم،
اهڙي تنهنجي سيوا ڪئي ٿم.

جنهن دل ۾ بس پيار توهان جو
ناڻ توهان جي دل سا ڪئي ٿم.

پوري هاڻي يار ڪري وڃ،
عرضي توکي جيڪا ڪئي ٿم.

تنهنجي 'ها' جو اوسيئڙو آ،
پاڻ اڳيئي يرا ها ڪئي ٿم.

تنهنجي ياد ازل کان دل ۾
جيون وانگي برپا ڪئي ٿم.

دل سان 'عاجز' کي مج ڏوهي،
ڏوهه خطا جي مون ڪا ڪئي ٿم.

❊

تنهنجا نيڻ آڪاش ڏسون ئي نہ ٿا پيا،
ڇهڻ جو تہ سوچي سگهون ئي نہ ٿا پيا.

تون آهين ڪو بادل جو گهمندو وتي ٿو
اسين خاڪ ليڪن پڇون ئي نہ ٿا پيا.

لڳي ٿو نظر جي تپش تيز هوندي،
تڏهن تنهنجي ويجهو اچون ئي نہ ٿا پيا.

اسان جي اکين جا پنا هن چپر جيئن،
خوشيءَ جو تڏهن ڪان پڇون ئي نہ ٿا پيا.

اسان جي محبت وڏي ڪا خطا جڻ،
عبادت ۾ پورا پئون ئي نہ ٿا پيا.

اسان جي فڪر ۾ رهو ٿا هميشہ،
مگر پاڻ ۾ چو ٿهون ئي نہ ٿا پيا.

اسان تنهنجا ’عاجز‘ ازل ڪان رهياسين،
حقيقت ۾ ليڪن ملون ئي نہ ٿا پيا.

❊

مان جيون جي صحرائن ۾
تو پٽڪان تنهنجي راهن ۾

تون ايندينءَ آهي اوسيئڙو
هڪ ڏينهن ته منهنجي ٻانهن ۾

مون ٿاهيو پنهنجو ديرو آ
بس تنهنجي ئي ته نگاهن ۾

هر پل مان توکي ساريان ٿو
تون شامل ساهه صدائن ۾

ڪا توکي شڪايت ڪا نه ڏبي
جي ناهيان آنءُ وفائن ۾

تنهنجو پيار عبادت سمجهان
چو گهاريان آنءُ گناهن ۾

ها 'عاجز' جيون هي رهندو
خوش تنهنجي پوءِ به جفائن ۾

❊

تنهنجي نظرن جو نشو ناهي ڪٿي،
پيار جهڙو ڪو مزو ناهي ڪٿي.

توسان منهنجو پيار آ اهڙو پڪو
پيچ اهڙو ڪو پڪو ناهي ڪٿي.

تو وٽي يادن جو ميلو ٿو رهي،
اهڙو ڪو ميلو لڳو ناهي ڪٿي.

مان ميارون توکي ڏيان کهڙيون ڀلا،
تو ۾ اج توکي لڏو ناهي ڪٿي.

ها دنيا ۾ ڪو مزو ناهي رهيو،
پاڻ ۾ ئي جو ڪو مزو ناهي ڪٿي.

ياڳ پنهنجو مان ٿو سمجهان پنهنجي وس،
سوچ جو چرخو اهو ناهي ڪٿي.

جيءَ ۾ جايون ٿو ڏيئي 'عاجز' تنيو،
جيءَ جهڙي جاءِ جو ناهي ڪٿي.

❊

اسان تي ڀروسو تنهنجو رهيو ناهي،
تڏهن تو دل جي خواهش کي ڀريو ناهي.

اوهان جي سات ـ سُرَ جو منتظر آهيان،
اوهان جو روح چو مون ڏي وريو ناهي.

اسان جي غم ۾ روئڻ توکي ايندو هو،
مگر اج هڪڙو ڳوڙهو ڀي ٽريو ناهي.

اسان جي زندگيءَ ۾ غم جو سايو آ،
تڏهن کان درد دل جو ڪو ٽريو ناهي.

اوهان جي ڀيد کي سمجهي ڀيو 'عاجز'،
جي چپ آهي ته ايڏو ڀي چريو ناهي.

❊

مون کي تنهنجي پيار جو چا صلو مليو،
هر خوشي رسي وئي، غم رڳو مليو.

چاهتن بنا مون توکان چا هيو گهريو،
چاهه چا مليو مگر نہ حوصلو مليو.

باوفا جي مون خدا کان آس هي رکي،
پر وفا جي جاءِ تي آ بي دليو مليو.

مون کي ساڳي ساوٽي ياد وئي اچي،
مينهن آ نيڻن ۾ ساڳيو سلسلو مليو.

زندگي سموري توکان ڪين هئي گهري،
پر نہ ڪي گهڙيون اسان کي پر جهلو مليو.

آهيان انتظار ۾ تون من وري اچين،
ساهه جو بہ هي سڳو تي گرگهلو مليو.

❊

رسن هان چالڪ اداس تارا،
انهن کان تو خود کيا ڪنارا.

انهن جو توڙيءَ يقين شايد،
انهن کان تن جا ڪسيءَ سهارا.

انهيءَ ڪري هو چڙي هليا ويا،
اوهان جا سهڻا سچا اوتارا.

گهڙي تہ تولءِ رڪيا بہ ها پر،
وڄائي تولءِ ٽڪا نغارا.

انهن اکين جو ٽڪو آ ڪو بند،
هلي پيون لهرون سمنڊ ڏارا.

تماشو تن جو سيين ڏٺو پئي،
روئي پيا ها گهڻا مون پارا.

اگر ڏسو هان ڪلي انهن کي،
پون هان جرڪي انهن جا جارا.

❊

زوال کي جي ڪمال ايندو
ڪمال کي پو زوال ايندو.

رَوا اِها پئي هميشہ رهندي،
نندين دلين ۾ وشال ايندو.

آهي تہ ماٺهو مٿيءَ جي پيدا،
انهيءَ ۾ بس آ جمال ايندو.

اسان بہ جنت ڪٿي سگهون ٿا،
اگر اسان ۾ اعمال ايندو.

وري ڪنن ۾ آذان وڄندي،
پڙهڻ ممبر تي بلال ايندو.

٭

نيايو هو مون ساننہ منهنجي خوابن،
هميشہ نيايو هو جهڙو ڪتابن.

اسان جي اندر ۾ وڏا جهير آهن،
اسان کي جهنجهوڙي وڌو آ عذابن.

گناهن ۾ اهڙو مزو ڪين آهي،
مزو يار جيڪو ڏنو آ ثوابن.

حياتيءَ ۾ دردن جو ڪائون نمبر آ،
منجهائي وڌو آهي اهڙن حسابن.

هي ڌرتي اسان جي پلا ڪيتري آ،
چون ٿا ڪپائي ڇڏي آ نوابن.

اسان پريت جا سوال ڪياسين پئي،
ڪيو پور هينئڙو اوهان جي جوابن.

❊

مون تون ۾ تنهنجو پيار ڏٺو
ان پيار ۾ ڪو سنسار ڏٺو

جيئن هر پل پنهنجي خوابن ۾
بس توکي ئي دلدار ڏٺو

هي تنهنجون بانهون اڻ پاتل،
مون جن ۾ پنهنجو هار ڏٺو

هي سادا ڪپڙا اجرو تون،
مون جن ۾ ڪو سينگار ڏٺو

اڄ ڪيڏي من ۾ رم جهم آ،
جو تنهنجو مون ديدار ڏٺو

مون ساري دنيا ۾ ’عاجز‘،
اڳ اهڙو ناهي يار ڏٺو

❊

راھ مان ڪو راھ گر وچڙي ويو
جنھن ڪيو دل تي اثر وچڙي ويو.

ھن جون ڳالھيون پيو ڳڻيان تو ھرگھڙي،
ڪو ڏسيل ھن جو وکر وچڙي ويو.

ساھ ۾ سانديي رکي ڪا سوکڙي،
پر مون کان سو ھمسفر وچڙي ويو.

جڏھن خوشيون مون کان ويون ناراض ٿي،
ء خوشين وارو پھر وچڙي ويو.

ھن جھان جي غفلتن ۾ ڇو پيلا،
مون کان منھنجو آھي گھر وچڙي ويو.

مون ڏي ايندو ڪين ھو شايد وري،
جنھن کان منھنجو آ شھر وچڙي ويو.

❊

اسان جي اميدن کي پاڙي نہ ڪر،
غمن ۾ اسان جي ڪھاڻي نہ ڪر.

اڃا پنھنجي جوڀن جي آ ابتدا،
بنا پيار تون موڪلاڻي نہ ڪر.

اوهان جي اڇڻ سان ٿي مرڪي پئي،
وجي ڏور دل هي اُپاٽي نہ ڪر.

اجان پنڌ آهي پيو پيار جو
اِتي چاهتن جي پڄاڻي نہ ڪر.

اچين تو اسان ڏي،ملين ڪو نہ تو
اجايو اسان جي پڄاڻي نہ ڪر.

ڏکيا امتحان تون اسان کان نہ وٺ،
پري بس نظر سا نماٽي نہ ڪر.

❊

اسين تُنهنجا خادم پراڻا پرين!
ڪٺو نيڻ هيڪر نماڻا پرين!

هليو نيٺ وڃبو هميشہ جي لئہ،
اسين روح جو هون اڏاڻا پرين!

اجان آهيون زنده هليو اچ هليو
ڪندين پو اسان لئہ پڇاڻا پرين!

اسان جي محبت تي ڪر ڪو رحم،
هميشہ نہ هلندئہ هي ماڻا پرين!

اسان جي اکين ۾ ازل کان رهن،
اوهان جا پراڻا نڪاڻا پرين!

نہ ٽوڙيو اسان جي وفا جو پرم،
ڪيون عرض ٿا عاجزاڻا پرين!

❇

اڄ تہ سرهاڻ ٿي موج مهراڻ ٿي،
منهنجي ويران دل ۾ تہ چانڊاڻ ٿي.

زور طوفان ڪان ڇو پئي پيئو ڪرين،
مون سان سينو ملائي ۽ مون ساڻ ٿي.

پيار ناهي اهو راند ٻاراڻڪي،
عشق وارا سيئي اڄ رتو چاڻ ٿي.

هار ڇو تو مڃين ڪنهن بہ تون ڏاڍ ڪان،
هار همت نہ تون هاڻ سرواڻ ٿي.

تنهنجي توري بہ انڪار جي موت ۾،
منهنجي نيڻن جي پنبڙين ۾ آلاڻ ٿي.

تون جي ناهين اڳيان تنهنجي ’عاجز‘ جي لاءِ
ساري دنيا جو غم من ۾ مانڊاڻ ٿي.

❋

نہ جيئري جي سنيال ڪيون ٿا اسان،
مري ٿو تہ ڪوندر سڏيون ٿا اسان.

اسان بت پرستي يڪو پئي ڪئي آ،
مئن جي پنيان گهر اڏيون ٿا اسان.

اسان جو قدر جي ڪٿي پيو ڪجي،
اهو يار پاڙو لڏيون ٿا اسان.

ڪري يار پوري سگهون ڪين ٿا،
هٽون يار ڊاڙون وڌيون ٿا اسان.

ازل کان اسان جو رهيو جيڪو دشمن،
پلا هٿ چو ان سان گڏيون ٿا اسان.

اسان جي نہ جيڪي اچن ڪنهن بہ ڪم،
سَکيون پاڻ پاليون جڏيون ٿا اسان.

❋

هتي روز پيا حادثا ٿا ٿين،
اميدن پريا، ساهہ پيا ٿا ڏين.

انهيءَ موت جو يي ڪيڏو درد آ،
جدائيءَ جو پوبان زهر ٿا پئن.

اوهان جا ڪٽي درد دل ۾ هتي،
هزارين پرين پيا غمن ۾ جئن.

انهن جي اندر ۾ رڙيون روڄ ڪو
انهيءَ جان ۽ ساهه جو ٽا پڇن.

مان 'عاجز' نماڻو ڪٽي تو سهان،
جڏهن سور دل ۾ ٽپي ٽا پون.

*

اسان يار پنهنجي عڪاسي ڪئي آ،
مڙني پو ڪٽي ڪجهه لفاظي ڪئي آ.

حياتيءَ ۾ گذري ٿي چا چا اسان سان،
هميشه کان حاصل اداسي ڪئي آ.

اسان تي هيو جو ڪيو فرض پورو،
اسان فرض پنهنجي شناسي ڪئي آ.

اسان پنهنجي پنهنجي اداسيءَ جي ڪارڻ،
اجايو دلين ۾ اماسي ڪئي آ.

ڪڏهن پيين نيري، ڪڏهن يار ڪاري،
انهن ٻن رنگن سان تراشي ڪئي آ.

اوهان يار پنهنجا رهيا هو پراڻا،
اوهان سان ته دل ٻيي رهواسي ڪئي آ.

❊

توکئہ دلڙي آتي آهي،
پريت بہ تڏهن پاتي آهي.

مان هت توکئہ واجهايان ٿو
تو نہ ڇو پاتي جهاتي آهي؟

توکئہ کهڙا جذبا آهن؟
چاڻ نہ سا تو ڇاتي آهي.

آهيان تنها تنها تونءِ،
ياد اوهان جي ياتي آهي.

رات سڄي ننڊ ناهي مون کي،
ماڻهو چون اڌراتي آهي.

تنهنجي يادن سان ئي ’عاجز‘،
هاڻي دلڙي لاتي آهي.

تنهنجي آڏو چپ چپ ’عاجز‘،
ماڻهن لئہ جذباتي آهي.

❊

هتي هرڪو سڏائي تو پيو پيرن اميرن جو
سوئي سودو ڪري وينو ڏسو هتڙي ضميرن جو

سڏي سورهن آنا ڪا ڳالهه ڪنهن جي ڪار گر ناهي،
اڳيان تن جي جو هلندو آ پٽو ڳالهين ڳهيرن جو

ڀلا جنهن وٽ نہ بنگلو ڪار ۽ ناهي ڪا دولت جي،
سڏائي ڪيئن ڪو هتڙي ڀلا اهڙن فقيرن جو

ڪو وينو تنهنجي پاڙي ۾ اجان هي آسري ان جي،
مگر سڏ ڪين تو ساري جو رغبت ۾ سفيرن جو

هتي ڪو آهي قيدي قرب جو ۽ قرب وارن جو
وري قيدي هتي ڪو ڏاڍ ۽ ظلمن زنجيرن جو

پريون پيا ٽا پرن هو بول پنهنجا اج بہ اي 'عاجزا'،
وڏو آ بول ڪو ايڏو وڏو تن بي اسيرن جو

❊

ساهہ ۾ توکي جو سمايو آ،
چين ان وقت ڪان نہ آيو آ.

چنڊ ٻڄجي چڪور وانگي ڏس!
رهگذرا تو يڪو رلايو آ.

ڪا خوشي ڪا نہ چو ملي تو ڪان،
بيرحم تو سدا ستايو آ.

هاءِ سچ مون کي پيا چون ماڻهو
پيار ۾ درد کو سوايو آ.

سونهن رهندي نہ آ هميشہ لئہ
ساهہ بہ سوچ کر پرايو آ.

تنهنجي خوابن سندو کو نيڻن ۾
ها محل مون پرين اڏايو آ.

❊

روز روزانو اوهان جي سار ۾
هر گهڙي گذري ٿي منهنجي پيار ۾.

تڏهن طاري آ اسان تي کو نشو
تو رکيو آ پانهَن واري هار ۾.

هاءِ تو قيدي کري مون کي ڇڏيو
وار کارا ريشمي چڱ چار ۾.

چاهتن جو ديس آ ايڏو پلو
کيئن گذري هاٽي ان کان ڏار ۾.

ها حسينن جون اکيون پيون ٿيون کهن
کو نہ کو زخمي پيو ٿئي وار ۾.

مان بہ 'عاجز' زندگي گهوري ڇڏي
جيت ۾ آهيان يا آهيان هار ۾.

❊

تڪيو پيار تنهنجي اکين ۾ تہ هو
اهو پيار توکان پرين ڇو ويو؟

جڏهن تنهنجي مک تي نهي مرڪ تي،
تڏهن بہ تو ڪاوڙ ۾ مون ڏي ڏٺو.

اوهان ۾ اهو قير چالئہ پرين،
اوهان جي انهن حرڪتن تي لڇو.

اسان جي اندر ۾ پرين پيار آ،
اوهان لئہ رهيو پل جهان کان پڇو.

اوهان بن نہ ڪوئي اسان کي وڻيو
اسان سر بہ ڪيوسي اوهان لئہ اُڪو.

اسان کان بہ ماٺهو پڇي ٿا سگهن،
تہ ڇو يار ’عاجز‘ اوهان کان رٺو.

❊

وفا ناهي زماني ۾،
تہ پو چاهي زماني ۾.

اڇي شل راس سک پل جو
تہ کو ساهي زماني ۾.

رڳو ميرا هتي من جا،
پيا کاهي زماني ۾.

محل هر کو محبت جو
پيو ڊاهي زماني ۾.

کو چهري جي مٺان چهرو
نٿو لاهي زماني ۾.

ڀلا انسان ڇو خود کي،
نٿو ناهي زماني ۾.

❊

ڪڏهن يار چمپا جي خوشبوءِ جيان،
اسان جي اندر ۾ لهي تو وڃين.

اسان جي خوشين جون حدون ٽيون ٽٽن،
جڏهن پي اسان سان ٿهي تو وڃين.

اسان سان نہ ڪنهن جو پُڄي ياڳ پو
جڏهن رات مون وٽ رهي تو وڃين.

اسان ڪان اڪيلو گذارڻ ڪري،
اسان جيئڻ اهو غم سهي تو وڃين.

ميان تو ته ’عاجز‘ ڪرين پيار تو
تڏهن پاڻ هن ڏي ڪهي تو وڃين.

❊

وري وري پئي غمن ڪيو ڦهڪو
ڪڏيون وڃن تا اسان کي ترهڪو.

اسان جا جذبا اجان به پختا،
اسان جي ڪيون تا پڪو جي پهه ڪو .

اسان ته متيءَ جي خاڪ آهيون،
اجا به هينان هجي جي ٿهه ڪو.

ڪڏهن ته ڪائي خوشي به ڏي تون،
ڪڏهن سو ٿيندو اسان تي رهه ڪو.

هميشه توکان ڳجها ته ناهيون،
ڪڏهن تون ڳولهي اسان کي لهه ڪو.

اسان ۾ همت سهي سگهڻ جي،
رهي نه آهي هلي تو سهه ڪو.

❊

ملو تہ چو ٿئي اجاڙ جيون،
ڏسو نہ هاڻي اڪاڙ جيون.

غمن ۾ هاڻي هري هليو آ،
خوشين ڏي پيهر نہ لاڙ جيون.

اجان رهيو غم اهو بہ ڏي پل،
هٿن سان منهنجو بگاڙ جيون.

اوهان تي هاڻي وري نہ هٽندو،
ڪا ڏاڙ يا ڪا لٻاڙ جيون.

اندر ۾ آهي صدين جي اوندهہ،
لڳو پيو آ ڪباڙ جيون.

اسان کي هاڻي ايئن چڏي ڏي،
جيئن بہ آهي نہ گهاڙ جيون.

❊

بدلجن ٿا چهرا بہ سينگار وانگر،
ٿا جذبا متائن مٽيا ڏار وانگر.

ڪڏهن دل ۾ محبت ڪڏهن يار نفرت،
ڇڇي ڏار ٿين ٿا پڳل ڏار وانگر.

اسان پاڻ ڏي تا صدين کان ڦيرايون،
ڦري هو وڃن تا پرين وار وانگر.

اسان کي اوسيئڙو هميشه انهيءَ جو
اچي دير سان ٿو صفا تار وانگر.

حقيقت ۾ ڪيڏي خوشي پئي ملي جي،
اوهان مسڪرايو ملو هار وانگر.

اگر ساڻ ناهي ڪو ساٿي تہ جيون،
ٿو گذري اسان جو رڳو بار وانگر.

مان ’عاجز‘ ازل کان انهيءَ کي ٿو چاهيان،
جو وچڙي نہ ٿو ساهہ جي سار وانگر.

*

حقيقت کي جنهن پي وساري ڇڏيو آ،
زماني انهيءَ کي ڌڪاري ڇڏيو آ.

ڪيون جنهن بہ ويريون وٺيون پاڻ ۾ هن،
خوشين جوءِ مان تن اٿاري ڇڏيو آ.

اسان سان بہ ڌوڪو ڪيو جنهن جهان ۾،
اسان من تان تنهن کي ميساري ڇڏيو آ.

اسان کي مليو آ يقين ڪنهن کان تڏهين،
اسان نفس پنهنجو بيهاري ڇڏيو آ.

آجنهن نانءُ پنهنجي حياتي سنواري،
اسان نانءُ ان جو سينگاري ڇڏيو آ.

اميدن سان پرپور بيڙو پريل هو
سکن ساڻ نيندين سو تاري ڇڏيو آ.

هي انسان ’عاجز‘ نہ معمولي شيءِ آ،
انهيءَ يار پٽر بہ ڏاري ڇڏيو آ.

❊

ڏکن ۾ جيئڻ ۽ جيئارڻ سکو
کڏهن پڻ هي همت نہ هارڻ سکو.

جي اجڙيل هجي ڪو تہ ان کي سنواريو
حياتيون سينگارڻ سنوارڻ سکو.

اوهان سان اگر ڪو ڪري ڪا چڱائي،
انهيءَ جي چڱائي پچارڻ سکو.

اڳين ۽ پڻين کي سنيالي ڪٺو
کڏهن ڪين پنهنجو وسارڻ سکو.

ڇڏيندو وڃي تو هتي هر ڪو ٻئي کي،
اڪيلو ڪري ڪو سنيالڻ سکو.

رهيو جنهن جو ناهي زماني ۾ ڪوئي،
ڪٺو ان کي هيڪر ۽ پالڻ سکو.

وسامي اگر جي وڃي دل جو ڏيئو
تہ ’عاجز‘ انهيءَ کي بہ ٻارڻ سکو.

❊

سڪي يار وڄبو هتي هوريان هوريان،
وڃي پار پڄبو ڪٿي هوريان هوريان.

ڪٽي سار هلبي سدا ساڻ تنهنجي،
اوهان کي به لڳندي هتي هوريان هوريان.

اسان کي به جيئڻ جو ڏيو ڪو سبق،
پرين وڄبو سمجهي سِکي هوريان هوريان.

اسان ٿا سهيڙيون سمورا تجربا،
پرين نيٺ وڃبا لکي هوريان هوريان.

تڪبر ڪرڻ ڪين آهي سکيو مون،
اوهان پاڻ آيوَ جتي هوريان هوريان.

ملڻ جي لڳي سڪ گهٽي آ اسان کي،
ويا سال سڪ ۾ ڏئي هوريان هوريان.

مان ’عاجز‘ اوهان جو اوهان جو ئي رهندس،
وَيوَ ٻڌجي پتر رئي هوريان هوريان.

*

اسين توکان طلبيون ڳالهيون پيار جون،
اسان کي مليون هن ڳالهيون ڏار جون.

اوهان کي به غم ڪو اسان جو نه ٿيو،
مگر پاڻ سانديون ڳالهيون سار جون.

وڇوڙي ڪان دل کي گهٽو پيئو هيو،
اوهان جو وڏيون هي ڳالهيون ڏار جون.

اوهان کي آ شابس جو ايئن پيا ڪيو
سهون ڪين ٿا خود وٺيون وار جون.

اسان کي بہ پئجي ويا غم مٿان،
لڳي ٿو اچي ويون رتون بار جون.

خوشين جي تمنا کي سانديو هيو،
ڪيون هاڻي ڪهڙيون خوشيون هار جون.

اوهان کي نہ ’عاجز‘ سان ڪو پيار هو،
اسان يار خبرون پڏيون پار جون.

❊

ڪري جيڪو نفرت پيو پيار ڪان،
بچائي خدا اهڙي دلدار ڪان.

ڏکو ڪائي اهڙو ٿو ماڻهو سکي،
ناهي مار وڌ ڪا انهي مار ڪان.

نہ ٿئي ڪا چڱائي اسان کي نصيب،
ڪندا آهيون تو بہ انهي ڪار ڪان.

زماني ۾ ماڻهو هزارين مليا،
سجاتاسين ساڃيا انهي پار ڪان.

ملي هڪڙو پيرو ۽ خوشيون ڪسي،
پلي جيت ناهي انهي هار ڪان.

نہ مرڪي ملي ۽ نہ دل ۾ کلي،
کلي جي ٿو جيڪر کلي خار ڪان.

مان ’عاجز‘ انهيءَ ڪان ٿو زاري ڪيان،
مان هن ڪان ۽ هن جي تہ سنسار ڪان.

❊

مرڻ ناهي مهڙو مري ٿا ڏسون،
اکين جي سمنڊ ۾ تري ٿا ڏسون.

ڏسون ٿا اسان ڪي آ کهڙي همت،
محبت ۾ هيڪر ڏري ٿا ڏسون.

اسان پاڻ توتان لٽائڻ گهريو
اوهان ۾ نہ محبت ذري ٿا ڏسون.

جتان پاڻ خالي ورياسين اڳي،
اتي اڄ وري پيي وري ٿا ڏسون.

ڪٿي يار پاڪر ۾ آهي پري،
ڪٿي يار خالي پري ٿا ڏسون.

اسان انتظارن ۾ صديون ڏنيون،
مگر موت ساڳي ڪري ٿا ڏسون.

اسان عشق ۾ دل جو سودو ڪري،
ها ’عاجز‘ ڪري دل چري ٿا ڏسون.

❊

ماڻهو هتي گهمن ٿا احساس ڪان بنا.
جيئبو پلا بہ ڪهڙو ڪنهن آس ڪان بنا.

ماڻهو ڪي اهڙا آهن جن جو مثال ڪونهي،
ڪن سان ملون ٿا جيڪي شناس ڪان بنا.

ڪن کي ملي نه ٿو هٿ حيلن هزار سان،
ڪن کي وري ملي ٿو ڪنهن باس ڪان بنا.

محبت ۾ پاڻ ماڻهو ماڪيءَ منو هجي،
ٿيندو نه اهڙو ظاهر منو چاس ڪان بنا.

ڪنهنجي مٺيا ته اهڙي ہئي ڪنهن ۾ ڪينڪي،
جيءُ ٿو وڃي جيئاري ڪنهن واس ڪان بنا.

پاڻي ٿو هر ڪو پيئي پنهنجي مداح تي،
تنهن ۾ مزو ٻه ڪهڙو ڪنهن تاس ڪان بنا.

’عاجز‘ اسان جا جذبا اڄ پڻ جوان آهن،
پل جهور تي وياسين آهيون ماس ڪان بنا.

❊

مزو يار ناهي رهيو دوستن ۾،
هميشه هو پاڙيو اسان يار جن ۾.

مٿان جن جي خود کان وڌو پروسو
اسان کي دغائي ملي يار تن ۾.

اسان پوءِ ٻه تن سان ڪيو سين نباءُ،
هيو يار جيڪو اسان جي وسن ۾.

اسان پنهنجي منزل انهن کي ٻڌايو
رکين پاڻ ڪندا اسان جي دڳن ۾.

ملي آ اسان کي وري اهڙي راحت،
پلا ڳرڻ ملي ويا پلايون سخن ۾.

نہ ٿي يار پوري اسان جي تمنا،
هميشہ رهياسين اسان بس ڏکن ۾.

ڪجي پروسو چو انهن تي او 'عاجزا'،
وفا ڪين ملندي ڪڏهن بي رکن ۾.

❊

عيد هوندي بہ پنهنجي عيد نہ ٿي،
جنهن کي چاهيوسي، تنهن جي ديد نہ ٿي.

پين خوشين جي نٿو ڪريان پرواهہ،
پوري دل جي ڪا هڪ اميد نہ ٿي!

پيون ملن ٿيون سيئي شيون جڳ ۾،
پيار جهڙي شئي پر خريد نہ ٿي.

آس هڪڙي جڏهن ٽٽي منهنجي،
آس اهڙي وري مزيد نہ ٿي.

جنهن کي چاهيو هيو سدا دل ۾،
تنهنجي محبت، مون کي رسيد نہ ٿي.

هُن جدائي ڪئي جڏهن 'عاجز'،
آس جيئڻ جي پو شديد نہ ٿي.

❊

وقت، جي ظالم ٿئي، پو ڇا ڪجي؟
درد جي رڻ ۾ نئي، پو ڇا ڪجي؟

پاڻ سيني ۾ ورهايون محبتون،
موت ۾ ڪو غم ڏئي، پو ڇا ڪجي؟

زندگي امتحان وٺندي آ رڳو
خون پئي منهنجو پئي، پو ڇا ڪجي؟

موت جي منزل بہ هاڻي آ قريب،
هيل تائين غم جئي، پو ڇا ڪجي؟

ڪي ڇُڪون ’عاجز‘ ڪان بہ هونديون ٿيون،
پنهنجي پڇتايو ڪيئي،پو ڇا ڪجي؟

❊

ڪاش جيون هجي هي بهارن جيان،
محبتون پيون وسن آبشارن جيان.

درد جو ڪو بہ دونهون نہ گذري اڳيان،
بس خوشيون پيون ملن مرڪ وارن جيان.

ڏيھ سارو ڏسو ڪيئن ويران آ،
پيار وارا تہ جرڪن ٿا تارن جيان.

زندگيءَ جو پکي پاڻ پئي تو ٽڪي،
روح ھوندو آ تنھن جي اڏارن جيان.

مونکي وٽ چيچ مان ساٿ منھنجو نہ چن،
ٿي نہ مان گم وڃان يار چارن جيان.

سرنھن جي يار قولار جو ٿئہ قسم!
ڏار مون ڪان نہ ٽيجان ڪنارن جيان.

منھنجي سڪ بہ ٿئي پوري ھا عاجز اِتي،
تنھنجا ياڪر پون ھا جي ھارن جيان.

❊

منھنجي دل پئي ٿي توکي ھميشہ سڏي،
تون اچين تو ڪڏھن چئہ اسان جي تڏي!

جي منھنجي سار جو سڏ نہ ڏيندين مٺا!
چا پوءِ ملندئي اسان کي غمن ۾ گڏي.

نيٺ چڏٽو آ ظالم زمانو ڪڏھن،
ھر ڪو ويندو ھتان آ سدا لئہ لڏي!

ايڏو ياري پيو بارُ پنھنجي مٺان،
ڪيئن آھي سَنو جيءَ منھنجي جڏي!

تون ئي خوابن جي تعبير آھين پرين!
منھنجي دل ۾ محل وچ تون پنھنجو اَڏي

تو پڇاڻا هتي بي رنگي زندگي،
گھاوَ آهي وڪوڙيو اسان کي وڏي.

*

ڪندين ياد خود کي اسان جي پڇاڻا،
جڏهن يار پوندئي اُتي غم پراڻا.

ڪڏهن تون اچين تو لڇياسين سدا،
تڪين نيڻ توڏي تا هر هر نماڻا.

حياتيءَ ۾ ڪنهنکي ٻـ سڌ ناهي ڪنهنجي،
مرڻ بعد ماڻهو ڪندا ٿـئـ پڇاڻا!

اوهانجون نگاهون ڳُجهيون جيئن ڳالهيون،
وري خيال تنهنجا ٻـ تو جئين سياڻا.

پکي يار جيئين اُڏي آهي ويندو،
اسان روح آهيون ٻـ ساڳيا اڏاڻا.

اسان پو اوهانکي ملي ڪئين سگھون تا،
اسان جا تہ ويران هوندا ٽڪاڻا.

اوهان بن اسان کي ٻـ هئي بيقراري،
حياتي سموري رهياسين اباڻا.

*

پيار وارا ٻول مان توکان ٻڌان،
تون ڪري وچ قول مان توکان ٻڌان.

ڪيترو گهرو ڪرين ٿو پيار تون،
پيار اُن جي ڪول مان توکان ٻڌان.

هر تمنا آس ٿي پوري وڃي،
دل پريا ڪشڪول مان توکان ٻڌان.

پيار جهڙي ٻي نہ شئي آ ڏيهہ ۾،
لفظ هي انمول مان توکان ٻڌان.

هر گهڙي هي زندگي امتحان آ،
سو بہ جاني ڊول مان توکان ٻڌان.

پيار جي قيمت تہ ٿيندي ناهہ ڪا،
ٿي سگهن ٿا مول مان توکان ٻڌان.

تون ملينءَ هر شئي اسان کي وئي ملي،
محبتن ۾ جهول مان توکان ٻڌان.

❊

هِن کي هُن کي پنهنجي آهي،
توکي آخر ڪنهنجي آهي!؟

هُن کي تنهنجي سُڌ نہ ڪائي،
توکي لڳل جنهن جي آهي!

سمجهي وڃ تون پاڻ حقيقت،
هيءَ حياتي اَهنجي آهي.

ساڻ اگر ڪو آهي ساٿي،
پوءِ تہ حياتي سهنجي آهي.

جنهنکي منهنجي سار نہ ڪائي،
دل ۾ هُرکُر تنهنجي آهي.

❉

جانِ پنهنجي مون اُڪي، توکي ڏني.
سا خوشي جيءَ سان جُهڪي، توکي ڏني.

سوکڙي سڪ ساڻ جا طلبي هيئہ،
پيار سان توڙي مُڪي، توکي ڏني.

ويو چڙهي شايد نشو ديدار جو
جا بچي وئي سا چُڪي، توکي ڏني.

ساهہ جنهن جي ٿو سهاري مان ڪٽان،
مان جگر پنهنجي ٻُڪي، توکي ڏني.

تو خوشي ڪئي مون اندر ۾ پئي رنو
پو بہ دل سان هر ڀُڪي، توکي ڏني.

تنهنجي ڪارڻ مون امانت جا رکي،
سور ۾ تنهنجي سُڪي، توکي ڏني.

❊

چا پڇين ٿو زندگيءَ جو فلسفو
چا ٻڌايان بندگيءَ جو فلسفو!

هيءَ سڄي ڪائنات آ دردن ونڊي،
چا ڏسيان توکي خوشيءَ جو فلسفو!

پنھنجو چھرو پاڻ کي وڻندو نہ آ،
ڪو نہ ٻڌندين آرسيءَ جو فلسفو.

ڪنھن خوديءَ ۾ تو فنا مون کي ڪيو!
تو روئاري بيخوديءَ جو فلسفو.

ساز ڇيڙي پئي جي اسان جي روح جا،
ڇڙ ڏکيو ڪو بانسريءَ جو فلسفو.

زندگي پر ياد هر ڪنھنجي رهي،
ڪين وسري ٻالڪيءَ جو فلسفو.

هي سڄو ’عاجز‘ اُنھيءَ جو ٿي ويو
جنھن نہ سمجھيو منھنجي جيءَ جو فلسفو!

❊

زندگي ويران ٿيندي ٿي وڃي،
ڇڙ تہ شي بيجان ٿيندي ٿي وڃي.

تون وئين جيون اسان جي مان جڏهن،
ڪو ڪتل سامان ٿيندي ٿي وڃي.

چو وئين او گل منهنجي گلدان جا!؟
دل رُڪو گلدان ٿيندي ٿي وڃي.

زندگيءَ ۾ پيار جو ناهي رهيو
چاهه جو ارمان ٿيندي ٿي وڃي.

سوچ جو چرخو وڃي تو هورڙيان،
دل تہ پو حيران ٿيندي ٿي وڃي.

تنهنجي دل يي هاڻ منهنجي سُور ڪان،
ڪيترو انجان ٿيندي ٿي وڃي.

❊

اداس لمحا اداس راتيون، پڇن اوهان جو
اجا بہ پنهنجون اڪيون هي آتيون، پڇن اوهان جو.

اسان جي دل ڪان اجا تہ وسري سگهيا ئي ناهيو،
چپن تي اڄ يي اوهانجون لاتيون، پڇن اوهان جو.

اوهان بنا جو اسان جي من ڪي سُرور ناهي،
وري هي ليئا وري هي جهاتيون، پڇن اوهان جو.

اوهان جي گهِري اُڪير مان هون مُڪيون اسان ڏي،
سي سوڪڙيون يي جڏهن ڪان پاتيون، پڇن اوهان جو.

اوهان جي محبت جي ڏاج ۾ جي مليون اسان ڪي،
اوهان بنا سي اُماس ڏاتيون، پڇن اوهان جو.

اوهان جي چاهت سبب اسان ڪان ويون جي سرجي،
اُهي ٿي وايون اسان جو ڳاتيون، پڇن اوهان جو.

وڃي اسان ڪان پري وسايئہ بنا سبب جي،
اکين ۾ ڳوڙها ۽ من جون ماتيون، پڇن اوهان جو.

❉

مشڪلاتون راهہ جو ڪنڊو بڻيون،
مشڪلاتن ساڻ منهن ڏيندو رهيس.

شدتن سان چاهہ جي حامي پريم،
پئي آڙين جو پرجهلو ٿيندو رهيس.

محنتون هي رنگ لائيندين ڪڏهن،
محنتن جي چيچ مان وٺندو رهيس.

پن گهڙين جي سوز ۾ چاهي رکيوا!
عمر پر جو چين ڳوليندو رهيس.

وقت هي منهنجي مٿان جيڪي وڌا،
بار ڏاڍي شوق سان سهندو رهيس.

چڙ تہ واريءَ جو ٺهيل ڪو گهر هيس،
تيز ڪنهن طوفان ۾ ڊهندو رهيس.

مون ٿي سمجهو منهنجي منزل ٿي ختم،
مان فنا جي جاءِ ۾ لهندو رهيس.

تو چوي ’عاجز‘ سُني آ زندگي —
’ڪر قدر ان جو سدا‘ چوندو رهيس.

❊

راهه بن بي راهه آهي زندگي،
ڪا خوشين جي واهه آهي زندگي.

زندگي شاعر جو آهي ڪو غزل،
پيار جو اُتساهه آهي زندگي.

ڪنهنجو ڪنهن تي اڄ رهيو آ پروسو
پو بہ ڪيو ويساهه آهي زندگي.

ساپيائن جو رسائي روپ تي،
چڙ وڌو ڪو ساهه آهي زندگي.

نقش ڪنهن جا روح ۾ رلجي ويا،
ان سان ڪيو سو چاهه آهي زندگي.

غم بہ جيون جو حصو بڻجي ويا،
درد سان ڪيو ٿاهه آهي زندگي.

❊

دلبر دل ۾ جاءِ نہ ڏيندين، ڇا ٿيندو!
موت مُئي ڪان پو جي ايندين، ڇا ٿيندو!

بيدردو ۽ بيقدرو تون تي پوندين،
ڪنهنجو جي غمخوار نہ ٿيندين، ڇا ٿيندو!

جيون منهنجو ييي چڙ آهي ڪوجهو پنو
وقت – هٿن مان نڪري ويندين، ڇا ٿيندو!

مان جو توکي چاهيان ٿو سِرَ کان بہ متي،
منهنجي پڇاڻان مونکي سڏيندين، ڇا ٿيندو!

تنهنجي پاڙي وري نہ اچبو اگر چوين جي،
اچڻ کان مونکي جي نہ جهليندين، ڇا ٿيندو!

جڳ جو غم دستور رهيو آ پرين ازل کان،
سو ئي غم جي تون نہ سليندين، ڇا ٿيندو!

❊

پيار منهنجي تي کر، غور منهنجا پرين!
خواب منهنجا نہ ائين پُور منهنجا پرين!

منهنجي جذبن ۾ ڀرپور تولئہ وفا،
پو بہ جذبا نہ تون تور منهنجا پرين!

تون جي ڏاهين تہ پيو کو نہ ٿاهي سگهي،
دل جي تو هٿ کيم، ڏور منهنجا پرين!

ساھ منهنجي جي ڇڻ تون سنهي تند آن،
تند تنهن کي نہ تون، سور منهنجا پرين!

جيئڻ توتان کيان گهور تو زندگي،
تون بہ پلُ کو ائين گهور منهنجا پرين!

مان جو توسان پيو پيدَ منَ جا سليان،
تون بہ چيڙن کي کجهہ چور منهنجا پرين!

من ۾ تنهنجون ادائون وسن ٿيون سدا،
ڪو نه وسري ٿي ڪا تور منهنجا پرين!

سونهن تنهنجي سدا سرس آ ڏيهه ڪان،
عاجزن ڏي ٻه ڏسُ، مور منهنجا پرين!

❊

اسان جي دل نماڻي آ، نماڻيءَ سان نه ڪر ماٽو
غمن جو بار چا سهندي، پرين ڪر سوچ، تي سياٽو.

اوهان تي ئي يقين آهي، اوهان تي پروسو پنهنجو
اسان پنهنجي ڏني آ دل، اسان جو تون ئي آن راٽو.

هزارن ۽ ڪروڙن کي ڏنو آهي زماني ۾
مگر دل کي لُيائي ويو اوهان جهڙو حسين داٽو.

زماني جي نه سورن ۾ وڪوڙيو پيو اڳي آهيان،
ڏنو آهي اوهان ويتر، وري لمحو غمن هاٽو.

اسانجي طلب ڪر پوري، اسانکي ڏي نه تون ڳوڙها،
گهُري ٿو مرڪ هڪڙي ئي، اسان جو روح ٻاراٽو.

اسان نازڪ نفيس آهيون، اسانجي دل ڪٿي سهندي
سڙي پوندي، پري ڪر هي، ٻريل تاندن جو تانداٽو.

❊

ڪيو تو قيد چو مون کي، يلا ڪنهن ڏوهه جي عيوض!
رکين چو يار تو دل ۾، مون کي تون لوهه جي عيوض؟

ڪري پنڌ ميل مان توڏي اچان تو تنهنجي درشن لئہ،
پلا ڏيندين بہ چا مون کي، انهي پنڌ کوھہ جي عيوض؟

هزارين آئتي پنهنجا چڏي توڏي اچان تو پيو
نہ پنهنجو خود پلا ڏين تو مون کي ابنوھہ جي عيوض.

اسان کي ڀي لپائن ٿيون، سچايون ۽ وفائون کي،
پلا پنهنجو کيون تنهن کي، نتا جو چوھہ جي عيوض.

تون اربين تو اسان کي پيو رڳو هي سور جي دنيا،
پلا چا جي ڪري پوءِ بہ، جواني قوھہ جي عيوض؟

اسان تو ۾ نهاريون ٿا، صدين جي آس جي خاطر،
سزائون اج بہ تو اربين، پراٽي جوھہ جي عيوض!

*

پاچن پوبان ڊوڙي ڊوڙي پنهنجو وقت وڃائيندين،
سارو جيون تڙپي تڙپي دل ۾ درد پرائيندين.

ڪا بہ تمنا پوري نہ ٿيندئي هر هڪ آس اڌوري رهندئي،
جيون جهاڳيندين جنهن خاطر تنهن کان چوٽ ئي کائيندين.

بيقدري سان نينهن لڳائي سانگو پنهنجي سر تان لاهي،
ڪهڙي ڪنهن سان اوريندين تون ڪنهن جو يار سڏائيندين.

ڪهڙي آهي منزل تنهنجي ڪاٿي توکي وڃڻو آهي،
سارو رستو ڪندا ڪندا خود کي ڪيئن بچائيندين.

روحن جو بہ رشتو آهي جهڙو ڪو پيو رشتو نہ آهي،
سهڻن توهن سان دل لائي پنهنجو پاڻ مارائيندين.

ساٿ ڇڏي هو تنهنجو ويندو رڻ ۾ يار رلائي توکي،
جنهن تي تو کي بانور آهي جنهن کي پيو تون چاهيندين.

پورا پورا ٿيندين سارو پوءِ بہ نہ 'عاجز' ايندئي وارو
قسمت ٻٽبئي سور ازل جو وارِي گهر جي اڏائيندين.

*

پلا ڇڏائي بہ ڪيئن خود کي، ضمير جنهن جو غلام آهي،
ڏسو تہ هن جي اڳيان ۽ پويان، پيو هو ڏيندو سلام آهي.

ڪپي ٿي هن کي تہ پنهنجي ڪرسي، هجن هي ماڻهو غمن ڏکن ۾،
نہ تنهن سان تنهنجو ڪو واسطو آ، هي خاص ماڻهو نہ عام آهي.

چلن ٿا هن جي گلاس هٿ ۾، شراب جا پي شباب جا پي،
وڃي تہ وڪجي وڃي هي ڏرتي، هٿن ۾ بس پيو جو جام آهي.

خدا سان هن جو وڃي نہ ڪجهہ پي، لٽن جي زورن تي پاڻ آهن،
اگر جي پوڄن پيا انهن کي، اهو ئي مندر جو رام آهي.

لٽن کان ننگا ۽ پيٽ خالي، گهڻن جا آهن ڏسي نٿو هو
انهن جو ماڻهن مٿن ۾ چا هي، انهن کي ملندو جو طعام آهي.

پيا ٿا خود هو مٿين ۾ رڳڙين، عزت سين جي حياءُ سپ جو
لٽن پيا ٿا انهن جي عزت، انهن جي هٿ ۾ جا سام آهي.

وري بہ تن ڏي ايندا پيا رهندا وساري تن کي نٽا سگهن هو
يقين ڪيڏو ڪٽي اڇن ٿا، اسان جو پنهنجو ئي عوام آهي.

*

چڱن وانگر چڱا آهن انهن وانگر ٻڌجو
اسين چاهيون اهو ئي ٿا انهن وانگر سدا ٻڌجو.

ڪيو ڪجهه ديس جي ڳڻتي زنده لاشن ۾ چاهي پيو
وڙهن پيا ديس خاطر جي انهي جنگ جا حصا ٻڌجو.

جوانن خوب ماڻي آ مزو ڪيڏو جواني ۾،
جوانن سان جڙي هڪ ٿيو ملايو هٿ ٻڌا ٻڌجو.

هميشہ قوم جي فردن تي هڪڙو فرض عائد آ،
ڏکي پئي مهل ڌرتي تي تہ ڌرتيءَ لاءِ دودا ٻڌجو.

هو سنڌو پيو سڪي آهي اڏامي تي اتان واري،
بکايل ملڪ جي مارن جي آخر ڪاغذا ٻڌجو.

زماني ۾ جفا جنهن جو هميشہ ڪان رهيو شيوو،
نہ ياڙيو تنهن سهاري تي انهيءَ ڪان پل جدا ٻڌجو.

اڇي اهڙو وڃي ڦيرو جو دنيا دنگ ئي رهجي،
ها عاجز ها ايئن بلڪل خزائن ۾ فضا ٻڌجو.

*

حياتي ڪنهن جي ڪان هٿ قيمتي ڏاڍي وڏي آهي،
وري دردن ۾ ورتل ڪنهن اها ساري سڌي آهي.

اوهان جي پيار جي پرچار جي ڪو سار ٿو ساري،
انهي جي دل هميشہ تنهنجي ڪارڻ ئي پڙي آهي.

ڪٽي ڪو ڪيترو چاهي اوهان کي دل جي تارن سان،
ٻڌائي ڪين سو سگهندو جو تنهنجي دل جڙي آهي.

هو ڏس اڌ رات جو جاڳي پيو تنهنجي ڪري ڪوئي،
سڙي پيو سڪّ ۾ ايئين، جيئن سڙندي مڏي آهي.

اوهان جي آستانن تي اسان لئہ چين ڪو ناهي،
سرن پچرن سان پنهنجي ڇت پرين هنيان ٽڏي آهي.

اسان کي زندگي توسان تہ 'عاجز' آهي پئي وڻندي،
لڳي ٿو او پرين ڇڻ جاءِ جنت ۾ اڏي آهي.

*

مان تولئہ تنهنجين ڳالهين جو جئن محور ٻڻجي ايندو هان،
تون منهنجي ٻڻجي ويندي آن، مان تنهنجو ٻڻجي ويندو هان.

هي درد هوا جو جهلڪو آ، ايندو آ گذري ويندو آ،
سڀ سور سمائي سيني ۾ خوشين جو ساٿي ٿيندو هان.

هيءَ چاهت پريم نگر چاهي جنهن پريم نگر جو ڏيئو ٿي،
مان ڪوڙ گهڙيون تنهنجي خاطر ات اونداهيءَ ۾ ڏيندو هان.

تون منهنجي يادن خوابن ۾ پئي گوڙها ڳاڙيندي آهين،
مان سور سنيالي سيني ۾ نيڻن ۾ محل اڏيندو هان.

او ماهہ لقا تنهنجي خاطر ڏس مون ڇا ڇا پوڙيو ناهي،
ڏس ڪيڏي پيڙا پوڙي آ تہ بہ توسان مرڪي ملندو هان.

مان شام صبح جو پوڄاري ’عاجز‘ ٻڌجي پوڄان وينو
تنهن ڏينهن کان اوسيئڙي ۾ تنهنجي جهڙو ٿهڙو جيئندو هان.

❇

تون نہ ايندينءَ تہ اداسيءَ جو زلزلو ايندو،
خاڪ اڏندي ۽ پڙاڏن جو ترٿلو ايندو.

تنهنجون راهون تا تڪن نيڻ ڏسي چنڊ پيا،
منهنجا محبوب جي ايندين تہ پرجهلو ايندو.

تنهنجي نازن کي هميشہ ئي سٺو آهي مون،
اڪ ڦري منهنجي مون سمجهيو تہ دادلو ايندو.

منهنجي نيڻن کي اگهڻ وارو سوا تو ڪونهي،
آ يقين دل کي جي ايندين تہ حوصلو ايندو.

پيار کان اڳ مون نہ ڄاتو تہ پيار آهي ڇا؟
ڪين سمجهو تہ جدائي جو ڪو سلو ايندو.

ها پئي لڇندي دل اداسيءَ ۾ هر گهڙي تولاءِ،
تو مون درميان جو سالن جو فاصلو ايندو.

ياد ’عاجز‘ کي ايندي روز هر گهڙي تنهنجي،
ها زخم دل کي مڃو منهنجي ڪو پلو ايندو.

❊

اهڙي خزان جي موسم جيون ۾ وئي اچي،
پن پن جيان جدا ٿي ارمان ويا سچي.

آسون لکين اميدون رهجي ويون ايئن،
طوفان ويو جهٽي ناهي آس ڪا بچي.

ڪوئي قرار ناهي جيون آ بي مزو
سک زندگيءَ ۾ ناهي دل ٿي ٿئي ڪچي.

هڪ آس ٿي نه پوري جنهن ڪاڻ جيئجي،
حسرت وئي سا رهجي جهومي نه دل نچي.

پاتال ها غمن جا نڪري نه مان سگهيم،
چو زندگي وئي آ، منهنجي اتي گچي؟

ٽانڊا هيا دلين ۾ دکندا رهيا يڪي،
تنهنجي جدا ٿيڻ سان ڪا باهه وئي مچي.

جيئن دل اداس ٿر جيان چاهيو ڪنهنکي ’عاجز‘،
جنهن جي هي رنگ ۾ دل منهنجي وئي رچي.

❊

مون کي ويران ڪمري ۾ وري ڪا ياد آئي آ،
هلي دل ۾ وڏي لرزش، اکين ۾ ڪا سمائي آ.

اهي آواز سر ۽ ساز جيڪي ساهه پيو پايان،
نٿا ٻڌجن ڏسجن، اکين ۾ آس ڪائي آ.

ديوارن جون ڪنڌيون تنها ۽ تنها ساهه جو ڌڙڪو
فقط گھڙيال جي ٽڪ ٽڪ اتي پاڙهي ٽڪائي آ.

حياتي ـ ڊائري هٿ ۾ ڪٽان تو ساهه تو سڌڪي،
چو هلندي پين بيٺي آ ۽ پاسي ڪا ڏکيائي آ.

آهي هي بي رحم دنيا، جتي قربت نٿي ليجي،
سهارو جي نه آهي ڪو ته جيئڻ پيو اجائي آ.

سليندو سور هيس هن سان ته دل تان بار گھٽبو هو
وفا ئي راس ناهي پئي، مقدر ۾ جدائي آ.

جدا ٿي ويو خدا ڄاڻي آهي محشر اسان جي ڪان،
ڏکي تو سور يادن جو سچو جيون سزا ئي آ.

*

تون نہ ڄاڻين تو مان توتان سر نڇاور تو ڪيان،
هن سڄي ڪائنات ۾ بس تو تي بانور تو ڪيان.

سار منهنجي تون بہ لهندين يا نہ لهندين ڇا چوان،
آ يقين دل کي ته تنهنجي مان ته واهر تو ڪيان.

منهنجي من جي مونجهه لاهڻ آ هليو ڪر گفتگو
تنهنجي ويهڻ وارو بستر پنهنجي چادر تو ڪيان.

ڪو محل محلات تو کي گر نٿو مان ڏئي سگهان،
پروسو رک مون تي پنهنجي دل تنهنجو گهر تو ڪيان.

تون لڪائڻ جي تو ڪرين تو پيار جي احساس،
مان ته ’عاجز‘ آهيان تنهنجي ڳالھ ظاهر تو ڪيان.

ختم شد

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو
عباس ڪوريجو ويب
www.abbaskorejo.com